# اسرائيل ۽ حماس ۾ جنگبنديءَ لاءِ صدر ٽرمپ جون ڪوششون

**آمريڪي صدر ٽرمپ به انهن اڳواڻن ۾ شامل ٿي ويو آهي، جنهن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو تي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته، هو جنگبندي جو اعلان ڪري غزه خالي ڪن يا وري اسان مڪمل طور تي ڪانئن پاسيرا ٿي ويندا سين. ان سان گڏ دنيا جي ٻين وڏين طاقتن به اسرائيلي وزيراعظم کي ست سُريون ٻڌايون آهن، جنهن سبب اهي اشارا ڏنا پيا وڃن ته شايد جنگبنديءَ جو عارضي يا مستقل اعلان ٿي وڃي. قطر ۽ مصر جي ٽياڪڙيءَ ۾ اسرائيل ۽ حماس جي وچ ۾ دوها ۾ جاري ڳالهين جا هيل تائين ڪي به نتيجا سامهون نه آيا آهن، پر حماس تجويز ڏني آهي ته 90 ڏينهن تائين جنگبنديءَ جي صورت ۾ هو اسرائيلي يرغمالين کي ڇڏڻ لاءِ تيار آهن، پر شرط اهو هوندو ته اسرائيل، قيدي فلسطينين کي آزاد ڪندو.**

الهه بخش راٺوڙ

غزه ۾ اسرائيلي بربريت سبب هيل تائين 54 هزارن جي لڳ ڀڳ بيگناهه فلسطيني شهادت ماڻي چڪا آهن، ان باوجود اسرائيل جنگبنديءَ لاءِ راضي نه ٿي رهيو آهي. هينئر ته اسرائيل جا اتحادي به ان مان هٿ ڪڍڻ جو اعلان ڪري چڪا آهن، يا وري اشارا ڏئي رهيا آهن ته، هو سندس سات ڇڏي ڏيندا. آمريڪي صدر ٽرمپ به انهن اڳواڻن ۾ شامل ٿي ويو آهي، جنهن اسرائيلي وزير اعظم نيتن ياهو تي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته، هو جنگبندي جو اعلان ڪري غزه خالي ڪن يا وري اسان مڪمل طور تي ڪانئن پاسيرا ٿي ويندا سين. ان سان گڏ دنيا جي ٻين وڏين طاقتن به اسرائيلي وزير اعظم کي ست سُريون ٻڌايون آهن، جنهن سبب اهي اشارا ڏنا پيا وڃن ته شايد جنگبنديءَ جو عارضي يا مستقل اعلان ٿي وڃي.

قطر ۽ مصر جي ٽياڪڙيءَ ۾ اسرائيل ۽ حماس جي وچ ۾ دوها ۾ جاري ڳالهين جا هيل تائين ڪي به نتيجا سامهون نه آيا آهن، پر حماس تجويز ڏني آهي ته 90 ڏينهن تائين جنگبنديءَ جي صورت ۾ هو اسرائيلي يرغمالين کي ڇڏڻ لاءِ تيار آهن، پر شرط اهو هوندو ته اسرائيل، قيدي فلسطينين کي آزاد ڪندو. اسرائيل هيل تائين انهن شرطن کي تسليم نه ڪيو آهي، پر اسرائيل جي اندران به اهي آواز اڀري رهيا آهن ته نيتن ياهو پنهنجي ذاتي ايجنڊا کي اڳتي وڌائيندي، اسرائيل کي داءَ تي لڳائي رهيو آهي. اهو اشارو انڪري ڏنو پيو وڃي ته نيتن ياهو ايندڙ مدي لاءِ اسرائيل جي وزير اعظم ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو آهي. هو وزير اعظم ٿيڻ جي شرط تي اسرائيل ۾ مڪمل جنگبنديءَ لاءِ تيار آهي. هينئر هُو ان اعلان تان هٿ ڪڻڻ جو اشارو به ڏئي رهيو آهي، جنهن تحت هن غزه مان حماس جي مڪمل خاتمي تائين جنگ جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو هو.

هلندڙ سال 18 مارچ تي جنگبنديءَ جي خاتمي ڪانپوءِ اسرائيل وڌيڪ هزارين معصوم فلسطينين کي شهيد ڪري چڪو آهي، جنهن جي خلاف عالمي سطح تي ردعمل آيو آهي. گڏيل قومن جو چوڻ آهي ته جنگبنديءَ جي خاتمي ڪانپوءِ 5 لک 99 هزارن کان وڌيڪ فلسطيني پنهنجن اباڻن اجهن کان محروم ٿي چڪا آهن. ان عرصي دوران اسرائيل فلسطينين جي کاڌ خوراڪ جي رسد به بند ڪري ڇڏي آهي، جنهن سبب انساني بحران جنم ورتو آهي. هينئر غزه جو 81 سيڪڙو علائقو اسرائيل جي قبضي ۾ آهي، ۽ باقي بچيل علائقو خالي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن.

18 مئي تي اسرائيل تائين محدود امداد پهچائڻ جي اجازت ڏني، پر گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ان کي ناڪافي قرار ڏنو. اهوئي سبب آهي جو برطانيا، فرانس ۽ ڪينيڊا سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ترت جنگبندي ۽ غزه ۾ امداد جي رسائي جو مطالبو ڪيو آهي. اسرائيلي وزير اعظم وري اولهه جي قوتن جي ان موقف کي حماس جو حوصلو وڌائڻ جي برابر قرار ڏنو آهي.

برطانوي اخبار فنانشل ٽائيمز ۾ "اسرائيل فيصلي ڪندڙ موڙ تي، جنگ يا امن؟" جي سري هيٺ اسرائيل جي اڳوڻي وزير اعظم، بچاءَ جي وزير ۽ آءِ ڊي ايف جي چيف آف اسٽاف جو مضمون شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته، "20 مهينا گذري چڪا آهن، اسرائيل فلسطينين تي دل ڏاريندڙ حملا ڪيا آهن، پر هاڻ جنگبندي ڪانسواءِ ٻيو ڪو به گس نه بچيو آهي." بقول اڳوڻي وزير اعظم جي ته، "هڪ ٺاهه تحت سمورن اسرائيلي يرغمالين کي واپس آندو وڃي يا جنگ مڪمل طور تي ختم ڪئي وڃي. نيتن ياهو جو حماس جي مڪمل خاتمي وارو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته اهو ڪنهن سراب جيان آهي."

اسرائيل جي اندران اهي به آواز اڀري رهيا آهن ته نيتن ياهو انتهائي ساڄي ڌر جي يهودين جي غزه تي مڪمل قبضي واري مطالبي کي مڃي يا وري عالمي قانون تي عمل ڪندي امن منصوبي تي عمل ڪري. جيڪڏهن اسرائيل قبضو جاري رکي ٿو ته اهو اسرائيلي حڪومت لاءِ آپگهات کان گهٽ نه هوندو. هن ڀيري برطانيا جي ليبر پارٽي انتهائي سخت قدم کڻڻ شروع ڪيا آهن. پهرين مرحلي ۾ جنگبندي نه ڪرڻ جي صورت ۾ برطانيا، اسرائيل سان واپاري ٺاهه بابت ڳالهين کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان سان گڏ برطانيا واضح طور تي ڄاڻايو آهي ته اسرائيل جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهي، اهو سندن انساني قدرن جي خلاف آهي. برطانوي وزير ته پارليامينٽ کي خطاب ڪندي اعلان ڪيو ته، هو اسرائيل جي وزير اعظم ۽ دفاع جي وزير کي جنگي ڏوهن ۾ گرفتار ڪرڻ واري عالمي انصاف جي عدالت جي فيصلي جي مخالفت نه ڪندا.


آمريڪي صدر ٽرمپ





تصوير بي بي سي تان ورتل

اسرائيل جي غزه تي ٻيهر چڙهائيءَ جي حوالي سان ايگزٽ پول نتيجا به سامهون آيا آهن، جن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اسرائيلين جي اڪثريت سمجهي ٿي ته نيتن ياهو جو اهڙو فيصلو رڳو اتحادين کي بچائڻ لاءِ هوندو. ان سان اسرائيل کي سمورن يرغمالين تان به هٿ کڻڻو پوندو. اسرائيلي وزير اعظم جيڪڏهن غزه تي حملو ڪيو ته ان سان نيتن ياهو جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويندو.

برطانيا جي حڪومت اسرائيل جي ناڻي جي وزير بيزل سموٽريچ ۽ قومي سلامتي جي وزير اتمار بن گوير سميت ٽن وزيرن جي ملڪ اندر داخلا تي پابندي لڳائڻ تي غور ڪري رهي آهي. پرڏيهي وزير ڊيوڊ لامي جو چوڻ آهي ته، اولهندي ڪناري ۾ تشدد ڀڙڪائڻ جي الزام ۾ ٽن اسرائيلي اهلڪارن تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. ان سان گڏ برطانيا، فرانس ۽ سعودي عرب سان گڏجي ايندڙ مهيني گڏيل قومن جي نيويارڪ اجلاس ۾ فلسطيني رياست کي تسليم ڪرڻ جي امڪانن تي غور ڪندا. اسپين وري غزه جي امداد جي رسد شروع ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ٺهراءَ پيش ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

حماس جو مڪمل خاتمو ٿئي يا نه، پر نيتن ياهو جي مستقبل جي حڪومت جو خواب ساپيان ٿيندي نظر نٿو اچي. جيڪڏهن نيتن ياهو جنگبنديءَ جو به اعلان ڪري ته ان جي باوجود اسرائيلي عوام ڪيس وزير اعظم جي ڪرسيءَ تي ڏسڻ نٿو گهري. غزه تي مڪمل قبضي جي صورت ۾ نه صرف اسرائيل عالمي سطح تي اڪيلائپ جو شڪار ٿيندو، پر حماس سميت مختلف فورسز اڻ ڄاڻايل مدي تائين جنگ جو فيصلو ڪندا، جنهن سان اسرائيل لاءِ نوان خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا. ان سان گڏ اسرائيل ۾ اهڙي حڪومت هوندي، جيڪا سفارتي محاذ تي اڪيلائپ جو شڪار هوندي. اسرائيل جي اڪيلي ٿيڻ جي صورت ۾ ان تي حملو ڪندڙ قوتن کي موقعو ملندو، انڪري اها اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته اسرائيل جلد جنگبندي لاءِ راضي ٿي ويندو، ان سان ئي ان جي وجود جو بچاءَ ٿي سگهي ٿو. ■

# سنڌ کي سمنڊ تيزيءَ سان پائڻ لڳو

**هڪ ڏهاڪي ۾ 124 کان وڌيڪ ڳوٺ سمنڊ ۾ لڙهي ويا_ پراڻا بندر غائب ٿي ويا ۽ ڊنڊون ۽ تلاءَ به سمنڊ جو حصو بنجي چڪا. تمر جا ٻيلا، جيڪي ساحلي ڪاج ۽ طوفاني لهرن جي خلاف قدرتي ڍال جو ڪم ڪن ٿا، مٺي پاڻيءَ جي کوٽ سبب ڪمزور ٿي رهيا آهن. اهي ٻيلا، جيڪي ڪڏهن لکين ايڪڙن تي پکڙيل هئا، گذريل صديءَ جي وچ کان 80 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽجي چڪا آهن.**

سُڪار جاکرو

سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ سمنڊ جو اڳتي وڌڻ هڪ اهڙي آفت آهي، جيڪا خاموشيءَ سان وڌي رهي آهي، پر ان جا اثر ڪنهن اوچتي تباهيءَ کان گهٽ ناهن. *روزاني ڊان انگريزيءَ* جي هڪ تازي تحقيق ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي ڇهن ساحلي تعلقن—ڪيٽي بندر، گهوڙا ٻاري، ميرپور ساڪرو، ڪارو ڇاڻ، شاهه بندر ۽ جاتي ۾ سمنڊ جي پائڻ واري خوفناڪ صورتحال کي ظاهر ڪيو آهي، جتي گذريل ڏهاڪي دوران 124 کان وڌيڪ ڳوٺ سمنڊ ۾ لڙهي ويا آهن. سنڌ جي ريوينيو کاتي جي سرڪاري انگن اکرن موجب، رڳو ٺٽي ۾ 170,199 ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي، جنهن زرخيز ٻنين کي بنجر لوڻياڻي زمينن ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. هيءُ نه رڳو ماحولياتي بحران آهي، پر هڪ سماجي ۽ معاشي تباهي به آهي، جيڪا مقامي برادرين جي روزگار، ورثي ۽ مستقبل کي خطري ۾ وجهي رهي آهي.

هن بحران جو بنيادي سبب ڪوٽڙي بئراج هيٺان سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وڏي گهٽتائي آهي. مٿئين علائقن ۾ ڊيم، بئراج ۽ واٽر ڪئنالن درياهه جي پاڻيءَ کي روڪي ڇڏيو آهي ته جيئن زراعت، صنعت ۽ شهري ضرورتن کي پورو ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ اهڙن اپائن پاڪستان جي ٻين حصن ۾ معاشي ترقيءَ کي هٿي ڏني آهي، پر انهن ڊيلٽا کي پنهنجي حصي جي مٺي پاڻيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو ان جي ماحولياتي توازن لاءِ ضروري آهي. مٺي پاڻيءَ کان سواءِ، عربي سمنڊ زمين کي پائڻ شروع ڪري ڏنو آهي، زرخيز زمينن کي لوڻياٺو، زمين هيٺ پاڻيءَ کي آلودو ۽ ساحلي ڪاج کي تيز ڪري ڇڏيو آهي. ڊان جي رپورٽ هڪ افسوسناڪ تصوير پيش ڪري ٿي: سڄا سارا ڳوٺ سمنڊ ۾ لڙهي ويا آهن، پراڻا بندر غائب ٿي ويا آهن، ۽ ڊنڊون ۽ تلاءَ به سمنڊ جو حصو بنجي چڪا آهن.

سمنڊ جي والار جا ماحولياتي اثر به ايترا ئي پريشان ڪندڙ آهن. سنڌ جو ڊيلٽا، جيڪو عالمي سطح تي حياتي تنوع جو اهم مرڪز آهي، اهو سخت خطري ۾ آهي. تمر جا ٻيلا، جيڪي ساحلي ڪاج ۽ طوفاني لهرن جي خلاف قدرتي ڍال جو ڪم ڪن ٿا، مٺي پاڻيءَ جي کوٽ سبب ڪمزور ٿي رهيا آهن. اهي ٻيلا، جيڪي ڪڏهن لکين ايڪڙن تي پکڙيل هئا، گذريل صديءَ جي وچ کان 80 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽجي چڪا آهن. ان تنزليءَ سبب ساحل جي قدرتي آفتن جهڙوڪ سامونڊي طوفانن ۽ ٻوڏن جي خلاف مزاحمت ڪمزور ٿئي ٿي، جيڪي موسمياتي تبديليءَ جي ڪري وڌيڪ، مسلسل ۽ شديد ٿي رهيا آهن. موسمياتي تبديلي بابت عالمي اداري (IPCC) مطابق، عربي سمنڊ ۾ سمنڊ جي سطح 2050 تائين 0.5 ميٽر تائين اوچي ٿي سگهي ٿي، جنهن سان ساحلي ڪاج ۽ ٻوڏ جا خطرا وڌي ويندا. مٺي پاڻيءَ جي گهٽ وهڪري ۽ اوچي ٿيندڙ سامونڊي سطح جو ميلاپ هڪ شيطاني چڪر پيدا ڪري ٿو: سمنڊ وڌيڪ زمين والاري ٿو، مٺي پاڻيءَ جي ذخيرن کي لوڻياٺو ۽ زمين کي ناقابل استعمال بڻائي ٿو، تلائن ۽ ڍبڻ وارن علائقن جو نقصان ڪري ٿو، پکين جي لڏپلاڻ ۽ سامونڊي حيات کي به خطري ۾ وجهي ٿو، جنهن سان مقامي روزگار ۽ عالمي حياتي تنوع ٻئي متاثر ٿين ٿا. سوشل ميڊيا تي پوسٽن هن مسئلي جي فوري ضرورت کي اجاگر ڪيو آهي. 2022 ۾ شيري رحمان لکيو ته، ٺٽي ۾ 18 لک ايڪڙ زمين سمنڊ جي پائڻ ۽ لوڻيات سبب ضايع ٿي چڪي آهي، جيڪو مٿئين پاڻيءَ جي وهڪري جي گهٽتائيءَ سان جڙيل آهي. ساڳي طرح 2024 ۾ ايڪو واچ موسمياتي تبديلي ۽ ڊيلٽا جي تنزلي جي وچ ۾ تعلق کي نمايان ڪيو ۽ بحاليءَ جي فوري اپائن جو مطالبو ڪيو. اهي آواز هڪ اهم نقطي کي واضح ڪن ٿا: اهو بحران نه رڳو مقامي يا قومي پر عالمي آهي، جيڪو موسمياتي تبديلي ۽ غير پائيدار آبي انتظامن جي وسيع تر چيلنجن سان واڳيل آهي.

هن بحران جون پاڙون ڏهاڪن جي بدانتظامي ۽ سست پاليسين ۾ ڪتل آهن. 1991 جي واٽر ايڪارڊ ۾ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جي ساليانى وهڪري جي ضمانت ڏني ويئي هئي ته جيئن ڊيلٽا کي برقرار رکيو وڃي، پر ان تي عملدرآمد ناڪافي رهيو آهي. پنجاب ۽ مٿئين علائقن ۾ وڏي پيماني تي واٽر ڪئنالن جهڙن زرعي منصوبن ماحولياتي پائيداريءَ تي زرعي پيداوار کي ترجيح ڏني آهي، جنهن سان ڊيلٽا سڪي ويو آهي. تربيلا ۽ منگلا جهڙن ڊيمن جي تعمير پڻ هيٺئين طرف پاڻيءَ جي وهڪري کي وڌيڪ گهٽائي ڇڏيو آهي، ۽ اندازن مطابق هاڻي سنڌو درياهه پنهنجي تاريخي وهڪري جو صرف 10 سيڪڙو ڊيلٽا تائين پهچائي ٿو. حڪومتن لڳاتار هن مسئلي کي تسليم ڪيو آهي، پر فيصلائتي عمل کان پاسو ڪيو آهي. قومي واٽر پاليسي 2018 سمنڊ جي مداخلت جي خطري کي تسليم ڪيو، پر ان تي عملدرآمد غير اطمينان بخش رهيو آهي. سنڌ حڪومت جي تمر جي ٻيلن جي بحالي ۽ ساحلي تحفظ جي منصوبن کي محدود وسيلن ۽ هم آهنگيءَ جي کوٽ ناڪام ڪري ڇڏيو آهي. ان کان علاوه، انگن اکرن ۽ نگرانيءَ جي کوٽ موثر ردعمل کي روڪيو آهي.

جيتوڻيڪ ڊان جي رپورٽ قيمتي بصيرت فراهم ڪري ٿي، پر سمنڊ جي پائڻ جي شرح، ان جي سماجي ۽ معاشي اثرن ۽ ممڪن تخفيف جي حڪمت عملين تي جامع تحقيق اڃا به ناياب آهي. هي علمي خلا ترجيحي مداخلتن جي سڃاڻپ يا عالمي فنڊنگ حاصل ڪرڻ کي مشڪل بڻائي ٿو. ڊيلٽا جي تنزليءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وقف شده قومي ٽاسڪ فورس يا



تصوير منيش ڪمار، الجزيره تان ورتل

پاليسي فريم ورڪ جو فقدان هن مسئلي کي وڌيڪ پيچيده ڪري ٿو، جنهن سان سنڌ جو ساحلي پٽو بيوروڪريٽڪ سستي ۽ متضاد سياسي ترجيحن جي رحم تي آهي.

سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ سمنڊ جي والار سان منهن ڏيڻ لاءِ هڪ گهڻ رخي نقط نظر جي ضرورت آهي، جيڪو فوري علامتن ۽ بنيادي سببن ٻنهي کي حل ڪري. هيٺ اهم سفارشون آهن:

**الف: مٺي پاڻيءَ جي وهڪري جي بحالي:** سڀ کان اهم قدم ڊيلٽا ۾ مٺي پاڻيءَ جي مناسب وهڪري کي يقيني بڻائڻ آهي. ان لاءِ 1991 جي واٽر ايڪارڊ تحت گهٽ ۾ گهٽ ماحولياتي وهڪرو نافذ ڪرڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي گڏجي واٽر ايلوڪيشن پاليسين تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. آزاد نگرانيءَ جا طريقا قائم ڪيا وڃن ته جيئن پوئواري کي يقيني بڻايو وڃي.

**ب: ساحلي تحفظ ۾ سيڙپ:** سامونڊي ديوارون، ڍال ۽ گرين جهڙا ڍانچا ساحلي ڪاج کي سست ڪري سگهن ٿا. انهن کي وڏي پيماني تي تمر جي ٻيلن جي بحاليءَ جي منصوبن سان مڪمل ڪيو وڃي، جيڪي نه رڳو قدرتي ڍال جو ڪم ڪن ٿا، پر ڪاربن کي جذب ڪن ٿا ۽ حياتياتي تنوع جي مدد ڪن ٿا. سنڌ ٻيلي کاتي جي تمر جي ٻيلن جي بحاليءَ جي شروعاتن، جنهن گذريل سالن ۾ لکين وڻ پوکيا، کي وفاقي ۽ عالمي سهڪار سان وڌايو وڃي.

**ج: متاثر برادرين جي مدد:** سمنڊ جي والار جي سماجي ۽ معاشي اثرات لاءِ هدفي مداخلتن جي ضرورت آهي. متبادل روزگار پروگرام، جهڙوڪ آبي زراعت، شمسي توانائيءَ سان هلندڙ ننڍا ڪاروبار ۽ پيشه ورانه تربيت، هارين ۽ مهاڻن کي نوان آمدنيءَ جا ذريعا فراهم ڪري سگهن ٿا. ڪمزور خاندانن لاءِ سماجي تحفظ جو نيٽ ورڪ، جهڙوڪ روڪ منتقلي ۽ غذائي امداد، لڏپلاڻ ۽ غربت کي روڪي سگهن ٿا.

**ج: موسمياتي موافقت:** موسمياتي تبديلي سمنڊ جي والار جو هڪ اهم محرڪ آهي، ۽ موافقت ان جي ردعمل جو مرڪز هجڻ گهرجي. پاڪستان کي هڪ ساحلي موافقت جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ طوفانن لاءِ ابتدائي چتاءُ سرشتو، ٻوڏ کان بچاءَ جو ڍانچو ۽ برادريءَ تي ٻڌل آفتن کان بچاءَ جا پروگرام شامل هجن. عالمي ادارن جهڙوڪ گڏيل قومن جي ماحولياتي پروگرام ۽ گرين ڪلائيميٽ فنڊ سان سهڪار ٽيڪنيڪل مهارت ۽ فنڊنگ فراهم ڪري سگهي ٿو.

**ه: انگن اکرن ۽ تحقيق کي بهتر بڻائڻ:** سمنڊ جي پائڻ، ان جي ماحولياتي اثرن ۽ سماجي ۽ معاشي نتيجن تي جامع تحقيقات جي فوري ضرورت آهي. سنڌ ڊيلٽا جي نگرانيءَ لاءِ هڪ وقف شده تحقيقي ادارو يا ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ ضروري انگ اکر فراهم ڪري سگهي ٿو. سيٽلائيٽ تصويرن، GIS جيوگرافڪ انفارميشن سسٽم ميپنگ ۽ برادريءَ تي ٻڌل سروي والار جي شرح کي ٽريڪ ڪرڻ ۽ ترجيحي علائقن جي سڃاڻپ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا.

**و: مقامي برادرين کي شامل ڪرڻ:** ساحلي برادريون ڪنهن به حل جي مرڪز ۾ هجڻ گهرجن. برادريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ تمر جا ٻوٽا لڳائڻ ۽ ساحلي انتظام جي ڪميٽين جهڙا شراڪتي نقطه نظر يقيني بڻائي سگهن ٿا ته، مداخلتون مقامي ضرورتن ۽ ترجيحن جي مطابق هجن. عورتون، جيڪي اڪثر زراعت ۽ ماهيگيري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، انهن کي انهن ڪوششن جو اهم مرڪز هجڻ گهرجي.

**ز: عالمي سهڪار حاصل ڪرڻ:** ڊيلٽا جي تنزليءَ جي عالمي اثرن کي ڏسندي، پاڪستان کي عالمي فورمن ۾ هن بحران کي اجاگر ڪرڻ گهرجي ۽ فنڊنگ حاصل ڪرڻ گهرجي. سنڌ ڊيلٽا جي حالت کي موسمياتي انصاف جي هڪ ڪيس اسٽڊيءَ جي طور تي پيش ڪري سگهجي ٿو، ڇو ته پاڪستان عالمي اخراج ۾ گهٽ حصو ڏئي ٿو، پر ان جي غير متناسب اثرن جو شڪار آهي. ورلڊ بينڪ، ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ ۽ آءِ يو سي اين جهڙن ادارن سان شراڪتداري وڏي پيماني تي بحاليءَ جي منصوبن لاءِ وسيلا فراهم ڪري سگهي ٿي.

ڊان جي تحقيق سڄاڳيءَ جو سڏ آهي، پر هيءُ سالن کان نظرانداز ڪيل چتائن جي هڪ سلسلي جو صرف تازو حصو آهي. ٺٽي ۾ 170,199 ايڪڙن جو نقصان، ۽ ممڪن طور تي سنڌ جي ساحلي پٽيءَ ۾ لکين ايڪڙن جو نقصان، هڪ اهڙي تباهي آهي، جنهن کي روڪي پئي سگهياسين. سنڌ جو ڊيلٽا نه رڳو هڪ مقامي اثاثو آهي، پر هڪ عالمي خزانو آهي، جيڪو دنيا جي عظيم درياهي ڊيلٽائن مان هڪ آهي، جيڪو لکين زندگين ۽ ناقابل بدل ماحولياتي نظامن کي سهارو ڏئي ٿو. ان جي تنزلي تڪڙن فائدن کي ڊگهي مدي پائيداريءَ تي ترجيح ڏيڻ جي نتيجن جو هڪ واضح مثال آهي. سنڌ حڪومت کي، وفاقي اختيارين جي سهڪار سان، فوري ۽ پختي ارادي سان عمل ڪرڻ گهرجي. هيءُ ڪو اهڙو مسئلو ڪونهي، جيڪو اڌوگابرن اپائن يا پائلٽ منصوبن سان حل ٿي سگهي؛ ان لاءِ واٽر مينيجمينٽ کي نئين سر ترتيب ڏيڻ، ساحلي تحفظ ۾ سيڙپ ڪرڻ ۽ متاثر برادرين جي مدد ڪرڻ واري قومي عزم جي ضرورت آهي. عالمي شرڪتدارن جو به ڪردار اهم آهي، پر بنيادي ذميواري پاڪستان جي اڳواڻن تي عائد ٿئي ٿي ته هو پنهنجن ماڻهن ۽ انهن جي زمين جي حفاظت ڪن. سمنڊ جي بي رحم والار جاري آهي، وقت ختم ٿي رهيو آهي. بي گهر هارين، خالي پڊن ۽ غائب ٿيندڙ ماحولياتي نظامن جون ڪهاڻيون صرف انگ اکر ڪينهن_اهي عمل جو سڏ آهن. سنڌ جو ڊيلٽا اڃا به بچائي سگهجي ٿو، پر ان لاءِ فوري عمل ۽ جرئت ۽ ويژن جي ضرورت آهي. اچو ته اسين سمنڊ کي سنڌ جي ساحلي ورثي کي ڳهڻ کان روڪيون. ■

## حسناڪين ۽ ارڏاين جو شاعر تاج بلوچ، جنهن جي اڄ 85هين سالگرهه آهي

# ’هر ٻول ۾ ملندوسانءِ ۽ چوٻول ۾ ملندوسانءِ‘

**جنهن وقت منهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“ تي تاج صاحب تنقيد جو سلسلو شروع ڪيو هو ته، آئون سچ پچ پريشان ٿي ويو هوس، پر مونکي شمس سومري صاحب خط لکي آٿت ڏني هئي، ته، ”تون هاڻ شينهن تي سوار ٿيو آهين. تاج جون ارڏايون توکي مايوس نه ڪنديون، بلڪ نکارينديون.“ اڄ سوچيان ٿو اسان ته نکري وياسين، پر وقت جو خنجر اسان سيني کي زخمي ڪري ويو، جو تاج اسان سيني کي اداس ڪري هليو ويو.**



ڊاڪٽر غفور ميمڻ

تاج بلوچ هڪ منفرد ۽ بيباڪ ڪردار هو. هن جو سچ تيز ترار هو. چو ته هو ترقي پسند دور جو شاعر هو، جنهن دور ۾ شاعر عوام کي نعرا ڏيندا هئا. ادب سياست جي سرواڻي ڪندو هو. ادب جو ڪردار عوامي ۽ انساني ترقي لاءِ اهم هو. ادب حقيقت پسندي کان علاوه فراريت سمجهيو ويندو هو. مون پهريون ڀيرو تاج کي سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي گڏجاڻي ۾ ڏٺو. ادبي تنقيد هجي يا نظرياتي بحث، سندس راءِ ڪٿي به مصلحت جي شڪار نه هوندي هئي. تاج گهڻ پڙهيو ۽ عالمي ادب تي نظر رکندڙ هو.

”چولي ناهيان سمونڊ آهيان دوست
ڪُن ڪڙڪا ڪنيو وتان آئون.“ (تاج بلوچ)

تاج بلوچ 25 مئي 1940ع تي اتر سنڌ جي ضلعي سکر جي تعلقي پنو عاقل ۾ ڳوٺ سردار محمد مراد خان بلي ۾، جتوئي قبيلي جي هڪ زميندار ۽ تر جي چڱي مڙس نور محمد جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس جنم جي تاريخ ته پڪي آهي، پر سال تي اختلاف آهي. پاڻ 1940ع ٻڌائيندو هو، پر شناختي ڪارڊ تي 1938ع لکيل هو. سندس اعليٰ تعليم ڪراچي ۾ ٿي. پاڻ ايم اي ڪري سنڌ حڪومت جي ناڻي کاتي ۾ ٽريزر طور فرض انجام ڏيندو رهيو.

تاج بلوچ اليڪٽرونڪ ميڊيا ۾ 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي جي وچ ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان ڪمپيئر، اسڪرپٽ رائيٽر ۽ ڊرامن ۾ حصو ورتو هو. هن ڊگهو عرصو مختلف سنڌي اخبارن ۾ به ڪم ڪيو، جن ۾ عوامي آواز، هلال پاڪستان، عبرت ۽ هفتيوار برسات شامل آهن.

هن ادبي دنيا ۾ جيڪو اهم ڪم ڪيو، اهو هڪ ادبي ۽ بهتر رسالو ”سوجهرو“ جاري ڪرڻ وارو هيو. پهريان 1970ع ۾ پهرين پاڻ ”سوجهرو“ رسالي جا ايڊيٽر رهيا. پر رٽائرمينٽ کان پوءِ پاڻ باقاعده رسالو جاري ڪيائون. هن رسالي جي خاصيت اها هئي ته اهو وقت تي نڪرندو هو. 17 سال رسالو ايندو رهيو، پر ڪڏهن ليٽ نه ٿيو. هن رسالي تمام گهڻا نوان اديب متعارف ڪرايا ۽ ڪيترن اديبن جون شاهڪار لکڻيون ان ۾ شايع ٿيون، پر جيڪو اهم ڪم هن رسالي ۾ ٿيندو هو، اهو تنقيدي خطن جو هو. تاج بلوچ تنقيد جي معاملي ۾ ڪنهن جي رک رکاٽي نه ڪندو هو.

تاج غزل ۽ نظم جو بهترين شاعر هو. غلام محمد گراميءَ جهڙي اعليٰ پايي جي تنقيد نگار راءِ ڏيندي چيو هو ته، ”تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ اهي سڀ معيار موجود آهن، جيڪي هڪ بهتر شاعر ۾ ٿي سگهن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ جديد ۽ قديم خيالن جي آميزش آهي. سندس شاعريءَ ۾ دليري، بيباڪي، شوخي، پختگي ۽ برجستگي آهي.“

طارق عزيز شيخ سندس لاڏاڻي تي هڪ تاثر ۾ لکيو هو ته، ”تاج بلوچ سياسي ۽ انقلابي ادب جو سگهارو ليکڪ هو.“

”تاج ۾ هوندي ميجون ٿا سرڪشي
توکي پارت، عشق پرور ڪامڻي.“ (تاج بلوچ)



تاج بلوچ نوجوانيءَ ۾

تاج بلوچ جي سنڌي ادب کان علاوه عالمي ادب تي به سٺي دسترس هئي. پاڻ روسي ادب کان وٺي بنگالي، انگريزي ۽ فرانسيسي ادب تي سٺي ڄاڻ رکندا هئا. اهو دور نظرياتي ادب جو دور هو، جڏهن اديب جي مٿان وڏي ذميواري هئي. ادب انسان جي تقدير بدلائڻ ۽ سماج کي انسان جي جيئڻ لائق بنائڻ لاءِ ذهنن جي آبياري ڪندو هو. سنڌي ادب جي ان سونهري دور اسان کي بهترين شاعر، نثر نگار ۽ تنقيد نگار ڏنا.





”بند ڪڙڪيون مينهن کان ۽ شام تنهنجي شهر ۾
پوءِ به سوَ سوَ لڳا، الزام تنهنجي شهر ۾،
سال ٿيا ڪو ڳوٺ مان، نڪتو هو ڇيرو ڇوڪرو
گم اهو آهي، گمنام، تنهنجي شهر ۾.“ (تاج بلوچ)

تاج جا 2014 تائين ڇهه ڪتاب شايع ٿيا هئا، جن ۾ هڪ ”جديد ادب جو تجزيو“ ادبي تنقيد جو ڪتاب به شامل آهي.

تاج ڪيترن ئي ڪانفرنسن ۽ ادبي پروگرامن ۾ شامل ٿيو، جتي هن جو ادبي اپياس سگهارو ۽ برجسته هوندو هو.

تاج پنهنجي آخري عمر جي حصي ۾ اڪيلو ٿي پيو هو. معاشي مسئلي جي ڪري سوجهري رسالي جي بند ڪرڻ وقت نه صرف تاج بلڪ اسان سڀئي خاموش ٿي وياسين ته ڄڻ ادبي دور موڪلائي رهيو آهي. سچ اهو آهي ته ”ساڃاهه“ رسالي مونکي مضمون نگار ٺاهيو ۽ ”سوجهري“ مونکي ڪهاڻيڪار ٺاهيو.

”ڪير گلن جا پوئي هار
هٿ سين جا زخمي زخمي.“ تاج بلوچ

جنهن وقت منهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“ تي تاج صاحب تنقيد جو سلسلو شروع ڪيو هو ته، آئون سچ پچ پريشان ٿي ويو هوس، پر مونکي شمس سومري صاحب خط لکي آٿت ڏني هئي، ته، ”تون هاڻ شينهن تي سوار ٿيو آهين. تاج جون ارڏايون توکي مايوس نه ڪنديون، بلڪ نکارينديون.“ اڄ سوچيان ٿو اسان ته نکري وياسين، پر وقت جو خنجر اسان سيني کي زخمي ڪري ويو، جو تاج اسان سيني کي اداس ڪري هليو ويو.

”هر ٻول ۾ ملندوسانءِ ۽ چوٻول ۾ ملندوسانءِ،
وڻ ٻور ۾ ملندوسانءِ، ڪنهن پور ۾ ملندوسانءِ
ڪنهن پهر ۾ ملندوسانءِ، بر بحر ۾ ملندوسانءِ.“ تاج بلوچ ■



کاٻي پاسي کان- رشيد ڀٽي، تاج بلوچ ۽ فتاح ملڪ



ويٺل، ساڄي پاسي کان: تاجل بيوس، شمشيرالحيدري ۽ تاجل بيوس جو پٽ- بيٺل کاٻي پاسي کان: تاج بلوچ ۽ سرويچ سجاولي

## ’ڳيرو نينگر شهر ۾ پوڙهو ٿيو‘

# ’تاج تنهنجي غزل جو عجب رنگ آ‘



ساپيان سانگي

پانيان تي 1990ع واري ڏهاڪي جا آخري سال هئا. ادب جي افق تي ”سوجهرو“ نئين جنم سان نمودار ٿيو هو. هر نئين ۽ نوجوان شاعر جي تمنا هئي ته هو سوجهري جي صفحن تي ڇپجي. ظاهر آهي آئون به انهن ڏينهن دوران گهڻو لکي رهي هيس ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿي رهي هيس. مون انهن ڏينهن ۾ پابند شاعريءَ سان گڏ نثري سٽون به لکڻ شروع ڪيون هيون. پر مون کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته انهن کي ادب جي ڪهڙي کاتي يا خاني ۾ رکان، ڇاڪاڻ ته اهي نثري نظمن کان مختلف هيون. مون ڪجهه سٽون ”سوجهري“ ڏانهن موڪليون. پهرين تاريخ ٿي؛ سوجهرو آيو. مون کي حيرانگي به ٿي، ته خوشي به ٿي، ته منهنجون نثري سٽون ”ادب لطيف“ جي سري هيٺ سوجهري جي پوري صفحي تي شايع ٿيل هيون. مون کي نئون گس ملي ويو. اهڙيءَ ريت اهو سلسلو جڙي پيو. تاج بلوچ صاحب نه رڳو منهنجون نثري سٽون ”ادب لطيف“ جي سري سان شايع ڪيون پر هن گهڻو همٿايو ۽ لکڻ لاءِ چيو.

تاج بلوچ واقعي به هڪ اتساهه ڏيندڙ ايڊيٽر، خوبصورت شاعر، بيباڪ نقاد ۽ بهادر صحافي هو. هن سنڌي ادبي سنگت ۾ به هاڪارو ڪردار ادا ڪيو. سوجهري جو پهريون دور هجي يا ٻيو دور؛ تاج بلوچ ان کي هڪ اداري جي شڪل ڏئي ڇڏي. آئون سمجهان ٿي ته هن وقت جيڪي به نوجوان ليکاري ۽ شاعر مقبول ۽ مشهور آهن؛ انهن جي بنيادي تربيت ۾ سوجهري رسالي وسيلي تاج بلوچ جو وڏو هٿ آهي، پر خيرالنساءَ جعفريءَ جهڙي بيباڪ ڪهاڻيڪاره ته ان حد تائين لکيو هو ته، ”تاج بلوچ منهنجو ادبي پيءُ آهي.“ آئون سمجهان ٿي ته خيرالنساءَ جعفريءَ کان وٺندي اڄ جي ڪنهن نوجوان شاعر يا ڪهاڻيڪار تائين تاج بلوچ گهٽ ۾ گهٽ ٽن ٽهين جي ادبي پرورش ڪئي. سنڌس اهڙو هاڪاري ڪردار سنڌي ادب ۾ هميشه ياد رکيو ويندو.

هو جتي ٻين کي اڳتي آڻيندو هيو، اتي پاڻ به ڏاڍو سهڻو لکندو رهيو. سوجهري جي ان سفر تي تاج صاحب هيءُ ”ڊڪ ناٽڪ“ نظم لکيو هو:

”اڏ وهي، گذرڻ ڪانپوءِ
’سوجهرو‘ جاري ڪرڻ سان
پاڻ سوچيو هو ڪتي؟
ايترا ڪي رنگ رچندا !!
نوجوانن هم خيالن جا ڪٺا ٿيندا هجوم
. . .هڪ نئين چؤبول سان
جهرمر ڪري ايئن جرڪندا
ڪهڪشائون، برج سارا
جڻ سموريون رونقون ۽ روشنايون
روح جون رنگينيون ٿي وينديون!!
. . . اندلٺ جا رنگ سڀ
چٽني پاسن تي ٻريا
مچتا مچتا، هوڪرا
درد جي تمثيل جو ابلاغ ٿيو
۽ خوشين جاڪيترا چشما ڦٽا
مايوسين جوانت آيو
’سوجهرو‘ وشواس جي احساس جو عڪاس ٿيو
. . . عاشقيءَ جي ان سفر ۾
هلندي هلندي ڪم ۾ ۽ ڪار ۾
تاج نالي شخص هو
جنهن گهڻو چاچوليو، ووڙيو به هوندو
فرد سو تنها ٿيو
سونهن جي مانداڻ ڪي مهڪائيندي
هُن ڪان هُن جو دلربا وڇڙي ويو
ڦٽ ساوا ٿي پيا
درد جا ساڳيا اهيئي سلسلا

اڏ وهي گذرڻ ڪانپوءِ
سوجهرو جاري ڪرڻ سان
پاڻ سوچيو ڇا هيو ۽ ڇا ٿيو؟“

تاج بلوچ سوجهري جي سفر ۾ ڇا ماڻيو؟ ڇا ڇوڙيو؟ اهو سوال ته سوال ٿي رهجي ويو آهي؛ پر اها حقيقت آهي ته سندس شاعري هڪ عهد جو اهڙو دستاويز آهي؛ جنهن ۾ مزاحمت به آهي ته رومانيت به آهي؛ ترقي پسندي به آهي ته، انسان دوستي ۽ فطرت دوستي به آهي. سندس شاعريءَ ۾ موجود ترقي پسندي، انسان دوستي ۽ رومانيت تي امير علي چانديي، قمر شهباز، تنوير عباسي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، ج ع منگهاڻي، ڊاڪٽر عاشق بدوي، نصير مرزا ۽ ٻين گهڻو لکيو آهي. آئون صرف پنهنجي حصي جون ڪجهه سٽون تبرڪ طور لکي رهي آهيان؛ ڇاڪاڻ ته جنهن شخص جي شاعريءَ تي شيخ اياز ۽ الهداد ٻوهي کان وٺندي اڪبر لغاري ۽ انور ابڙي تائين لکي چڪا هجن، ان تي آئون ڇا لکي سگهنديس. مون کي ذاتي طور تي امير علي چانديي جي اها راءِ وڻندي آهي ته، ”هن جي محبوبه ڪا اپسرا يا جل_ديوي (Nymph) نه آهي، بلڪ اها هن دنيا جي جيئري جاڳندي حقيقت، حسن و لطائف جو مرقع عورت آهي، جنهن جي هٿن جي چوڙين جو ڪڙڪو، وارن جي عطر بيز خوشبو، ڳلن جي لالاڻ (جا ڇهري جو نور آهي)، قد ماجهاندڙيءَ وانگر ڏگهو ۽ وڻندڙ آهي. اک مئه جو پيالو آهي، بلڪ جنهن جو انگ انگ نسواني حسن جو شاهڪار آهي.“

امير علي چانديو تمام گهڻو پڙهيل لکيل، ڏاهو ۽ دانشور هو. هن شيخ اياز ۽ تاج بلوچ تي ڏاڍو خوبصورت لکيو هو. عمر ساٿس وفا نه ڪئي، نه ته سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ امير علي چانديو ضرور ڪا وڏي منزل ماڻي ها. هن تاج بلوچ جي شاعريءَ لاءِ هيئن به لکيو هو ته، ”سونهن جو هي سهڻو شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ نه صرف جسماني جماليات جي ڳالهه ڪندو آهي بلڪ سندس شاعري ۾ سهڻي ٻولي، استعارن ۽ تشبيهن جي ذريعي جماليات جا سندر رنگ ڇٽيل آهن. . . تاج بلوچ، عورت جي حسن جي واکاڻ اهڙي ته ملائم انداز ۾ ڪري ٿو، جو سندس شعر ۾ پراسرار غنائيت پيدا ٿي پوي ٿي. سندس جذبات جي تيز رو، تنهائين جي پيڙا ۽ جدائيءَ جو درد اهڙي موسيقيت پيدا ڪن ٿا، جيڪا لفظن جي نرم و نازڪ فنڪارانه استعمال، مترنم بحرن جي چونڊ، لفظن جي آهنگ ۽ مصرعن جي توريل تڪيل ترتيب مان پيدا ٿئي ٿي ۽ هو اهڙي ريت نوجوانن جو شاعر بڻجي وڃي ٿو.“

اها حقيقت به آهي ته تاج بلوچ رومانوي لهجي ۾ جماليات جي هڪ نئين ڪائنات تخليق ڪئي.

”لڱ جانب جا ڪير جهڙا هئا
منهنجي نيٽن جي نير جهڙا هئا
لفظ هن جا علامتن وانگيان
خوبصورت سفير جهڙا هئا
شهر زنجيرپا ۽ ڏنڏلو هو
ڏڳ سمورا اسير جهڙا هئا
ڊوڙي ڊوڙي جو فون تي پهتي
ساهه مهڪيا ها، هير جهڙا هئا
هٻڪندي هٻڪندي ڪيائين فون
ٻول اڪند ۽ اڪير جهڙا ها
مونکي ٻوڙيائين مونکي تاريائين
هن جا پاپوهه وير جهڙا ها
تاج وسرن نه لذتون مونکان
چپ گلرنگ شير جهڙا هئا.“

تاج بلوچ محبوبه جي حسناڪين، سونهن ۽ خوبصورتيءَ کي ڪيڏو نه سهڻي انداز سان بيان ڪري ٿو. تاج بلوچ نظم، چوسٽا، وايون ۽ ٻيون شعري صنفون پڻ لکيون آهن. پر سندس غزل ڏاڍو خوبصورت آهي. غزل ۾ جسماني جماليات روح جي جماليات ڏانهن هڪ دري کولي ڇڏي ٿي؛ جتي سونهن جو بحر بيڪران پسي سگهجي ٿو. سندس شعري پختگي ان حسن جي ڪائنات کي اجان وڌيڪ معنيٰ خيز بڻائي ڇڏي ٿي.

”چنڊ ڇهري تان پري زلف پريشان ٿيندا
هڪ نئين صبح جا آثار نمايان ٿيندا
ڏي ڇڏي حسن جي تصوير ڪشي تاج بلوچ
تنهنجا اشعار ٻڏي سهڻا پريشان ٿيندا.“

سندس لهجو ڪيڏو نه بي ساخته ۽ پنهنجائپ ڀريو آهي. حالانڪ غزل ۾ اهڙو لهجو گهٽ ئي ڪتب آيو آهي، پر تاج بلوچ ڪمال ڪاريگريءَ سان بي ساخته لهجي کي غزل ۾ اوتي ڇڏي ٿو. تاج بلوچ واقعي به محبوبه جي سونهن ۽ جماليات کي سهڻن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿو.

”ويس_ ڳيڙو چوڪريون
جند جادو چوڪريون
تهمتن جو اتهاس
سونهن خوشبو چوڪريون
موسمن جون سوڪڙيون
جادو جادو چوڪريون.“

تاج بلوچ سونهن ۽ خوشبوءِ جي محور چوڪرين جي اڳيان تهمتن جي اتهاس جي شڪست جو منظر نامو لکي غزل کي نئين معنيٰ ڏني آهي. مٿان وري چوڪرين کي موسمن جون سوڪڙيون سڏي حسن ۽ جمال جو نئون استعارو آندو آهي؛ جيڪو گهٽ ۾ گهٽ منهنجو اڳ ڪٿي به پڙهيل ناهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي اهڙا استعارا موجود آهن؛ جيڪي صرف سندس ئي آهن. هڪ وڏي شاعر جي اهائي سڃاڻ آهي ته هو نئين گس جو سفر ڪندو آهي.

”ترورا سورج جا گاڏيءَ جي پيا شيشن مٿان
جاڳي پيئي روشني، ناري جو پهتي نار تي

ڏينهن جي راجا جي خوشبوءَ، راڄ کي موهي ڇڏيو
ڪا نئين خوشبوءَ اٿي، ناري جو پهتي نار تي

ڳوٺ ۾ بجلي پڳي موٽيو نه من جو ميت هو
ڪائي تاريڪي هئي، ناري جو پهتي نار تي

هنجي هردي مان هري پئي هيج مان هٻڪار ڪا
گس خوشبوءَ جا ٽپي، ناري پهتي نار تي

سرهي سرهي سانجهه ڏاري ڳوٺ کوا ڇٽو ته هو
دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي، ناري پهتي نار تي“

هن غزل ۾ ڪتب آندل سيئي استعارا تاج بلوچ جا پنهنجا تخليق ڪيل آهن. گاڏي جي شيشن تي ترورن جو پوڻ، ڏينهن جي راجا جي خوشبوءِ، رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ ته شاعريءَ ۾ ملي ٿي، پر ڏينهن جي راجا جو ذڪر تاج بلوچ وٽ ملي ٿو. ڳوٺ ۾ بجليءَ جي پهچڻ جو استعارو، ۽ خوشبوءَ جا گس ٽپڻ! اهي سيئي سهڻا استعارا تاج بلوچ جا تخليق ڪيل آهن. لا شڪ هو وڏو تخليقڪار هو.

بس مان تڪڙو لهي جا وئي سانوري
خوشبو پنهنجي بدن جي وساري وئي

اڄ پنيرڪو چو ايڏو اويرو ٿيو
وار ويتيا نه هوندا، اڄا پدمڻي

پٽ جي ريت تي پير جو عڪس هو
عڪس ۾ چنڊ وينو هو ڏوٽي هٽي

هيٺ تارن لهي پير پاچا ڳٽيا
هيٺ پهتا وئي ننڊ تن کي ڪٽي

سانوري جسم ۾ وڄ وراڪا هئا
سڀ پهڻ ويئي پاڻي ڪري پدمڻي



تاج تنهنجي غزل جو عجب رنگ آ
مصرعي مصرعي مان ڇلڪي پئي سانوڻي

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته تاج بلوچ پنهنجي شاعريءَ ۾ جماليات ۽ رومانيت کي ان سطح تي بيان ڪري ٿو؛ جتي حسن هڪ نئين معنيٰ سان اپري اچي ٿو. تاج بلوچ جي غزل جو پنهنجو لهجو آهي، جيڪو پڙهندڙن کي متاثر ڪري ٿو. هن پاڻ چيو هو ته، ”ڪنهن جو اڳو، نه ڪو پيچو آهيان، پنهنجي ادراڪ جو پاچو آهيان.“ پر اها به حقيقت آهي ته تاج بلوچ صاحب پنهنجي سچي ۽ کري لهجي سبب گهڻن دوستن جي هجوم مان نڪري ويو هو.

” هٿ سڙي ويا آهن، خط ٻچي ويا آهن،
تاج ننڍڙڪو سمجهي، دوست رسي ويا آهن.“

تاج صاحب جي عهد جا ڪي ٿورا ماڻهو ساڻس گڏ هوندا هئا. پر سقراط وانگر هو نوجوانن جي هجوم ۾ البت هو ضرور نظر ايندو هو. ڪيس پنهنجي طبيعت جو ادراڪ به هو جو لکيو هئائين،

تاج ۾ هوندي مڃون ٿا سرڪشي
توڪي پارت عشق پرور ڪامڻي

شام روڪي ٻانهن روشن صبح جي
روشني ڇانئڻ مٿان تِرڪي مُئي

سونهن کي سَرچاءَ جو الڪو به هو
عاشقي ليڪن انا جي وَرَ چڙهي

ڳيرو نينگر شهر ۾ پوڙهو ٿيو
ڳوٺ مان هن ڏي نه ڪا آئي چِٺي

لڙڪ لاڙيو ڳوٺ ٿو سڏڪا ڀري
هن جي هيئت، شهر بدلائي ڇڏي

آئون پرديسي پڪي ڪنهن ڍنڍ ۾
دير کان ڳوليان ٿو پنهنجي زندگي

مڌُ هئي ميخاني ۾ ساقي به هو
پر نه پرتي مون سان منهنجي تشنگي.

اڄ تاج صاحب اسان جي وچ ۾ ڪونهي، پر پنهنجي شعرن ۽ شاگردن جي صورت ۾ ڄڻ ته هو اسان جي وچ ۾ موجود آهي!
هيپي برٿ ڊي ٽه يو تاج صاحب! ■

# صحت جي نظام کي پاڻ پرو ڪرڻ جي ضرورت

صحت جي نظام کي پڙ ڪرڻ يا هتي ونرائڻ هڪ مڪمل سائنسي عمل آهي، جيڪو هڪ ترتيب سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو. اهو ڪو پاڻ هرتو يا غير پيداواري عمل ڪونهي.. صحت جي نظام کي پڙُ ڪرڻ لاءِ رڳو سيڙپڪاري لاپائتي ناهي، ان لاءِ سڄي سرشتي سميت وايومنڊل تي نظرثاني ڪري انکي بهتر ڪرڻو پوندو آهي. ”صحت سڀن لاءِ“ جو مطلب آهي صحت جي سهولتن جي موجودگي، انهن تائين رسائي يا پهچ، سهولتن تي وَس ۽ سائنسي طور مناسب هجڻ.



عبدالرحمٰن پيرزادو

هن جٽادار ترقيءَ جي جُڳ ۾ جڏهن اسان صحت جي نظام کي پڙُ ڪرڻ (Health System Strengthening) ۽ ”صحت سڀن لاءِ“ (Universal Health Coverage)، ”صحت جي دلجاءِ“ (Health Security) ۽ ”پاڻ پرو ٿيڻ“ (resilience) جون ڳالهيون ڪندا آهيون، ته اهي چار عدد عنوان اسان مان اڪثريت جي مٿان گذري ويندا آهن. پوءِ بجاءِ انهن جو سرو ڳولهڻ جي، اسان وري پنهنجي عقل مان انهن جون تعويلون گهڙيندا آهيون. نتيجي ۾ وري جيڪو لوڙيندو آهي، اهو هوندو آهي سماج ۽ صحت جون خدمتون پهچائڻ وارو نظام.

اسان وٽ هي هڪڙو جملو تمام گهڻو استعمال ڪيو ويندو آهي ته، ”بس ڇا ڪجي، سسٽم ئي خراب آهي.“ مڃاڻ اهو سيڪجهه، جنهن کي ”سسٽم“ ٿا چئون، اسان پاڻ به ان ڪُلَ جو جُزُ آهيون. مطلب سولي سنڌيءَ ۾، اسان پنهنجي نااهليءَ جو اعتراف ڪندا آهيون. ڪنهن صحتمند سماج ۾ اهو اظهار جيڪڏهن هن جملي ”مونکي ڇاڻ ڪونهي“ سان ڪجي ته هوند دماغ ۾ اها ڪيفيت پيدا ٿئي ته هٿ پير هٽي انهيءَ خال کي پريئون ۽ خبرگير ٿيئون، پر نه! اسان کي اصل ۾ وقت ٽپائڻو آهي، جيڪو ٽپندو ڪونهي ۽ سماج نه رڳو ساڪن پر سنڌِ به ٿي پوندا آهن.

رڳو چٺوڦير اڪ ڦيريو ته اوهان کي ڪيئي لقاءُ نظر ايندا. انهيءَ ڪيفيت سبب ”صحت جي نظام کي پڙُ ڪرڻ_ صحت سڀن لاءِ_ صحت جي دلجاءِ _ ۽ پاڻ پرو ٿيڻ“ جا نه رڳو سماجي يا قومي پر عالمي قدم پڻ متاثر ٿين ٿا، جو انهن سڀني ادارن ۾ مقامي سطح تي فيصلاسازي اسان جي هٿن ۾ آهي ۽ اسان جڏهن اهي اصطلاح چڱي طرح نه سمجهي سگهندا آهيون يا انهن سڀني کي ڪا هڪ ئي ڳالهه چوڻ جا مختلف طريقا سمجهندا آهيون ته انهن لاءِ تياري، اهي لاڳو ڪرڻ، انهن کي پنهنجي صحت جي خدمتن جو حصو بنائڻ لاءِ اختيار ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري ڪرڻ ڪان ويندي مناسب سارسنڀار، سڀڪجهه اڌورو رهجي ويندو آهي ۽ اسان سنڌ ۾ خاص طور ۽ پاڪستان ۾ عام طور تي انهي مسئلي جو شڪار آهيون.

هتي اسان جو مقصد انهن اصطلاحن ۽ انهن جي تصور جي مخصوص خاصيتن جي سڃاڻپ ڪندي، صحت جي پاليسين ۾ مقصدن ۽ وسيلن ۾ فرق کي بيان ڪندي انهن اهم پاليسين کي سمجهڻ ۽ بيان ڪرڻ آهي.

صحت جو نظام ڪنهن به ملڪ جي سياسي ۽ ادارتي ڍانچي ۾ قائم ڪيل مڙني سرڪاري، نجي، خيراتي ۽ خانگي تنظيمن، ادارن ۽ وسيلن جو مجموعو ٿئي ٿو، جيڪو شهرين جي گڏيل ۽ انفرادي صحت کي بهتر بڻائڻ، برقرار رکڻ يا بحال ڪرڻ لاءِ ترتيب ڏنو ويو آهي. اها وصف انهن سڀني پرتن کي بيان ڪري ٿي، جن ۾ صحت جي خدمتن جا مختلف منج، جاگرافيائي حقيقتون، سهولتن جو وچور، گهربل وسيلا، خدمتون پهچائيندڙ هٿ ۽ انهن خدمتن پهچائڻ جو سائنسي بنيادن تي آڌاريل طريقو يا طريقا ڏنل هوندا آهن.. صحت جي نظام کي پڙُ ڪرڻ يا هتي ونرائڻ هڪ مڪمل سائنسي عمل آهي، جيڪو هڪ ترتيب سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو. اهو ڪو پاڻ هرتو يا غير پيداواري عمل ڪونهي.. صحت جي نظام کي پڙُ ڪرڻ لاءِ رڳو سيڙپڪاري لاپائتي ناهي، ان لاءِ سڄي سرشتي سميت وايومنڊل تي نظرثاني ڪري انکي بهتر ڪرڻو پوندو آهي.

”صحت سڀن لاءِ“ جو مطلب آهي صحت جي سهولتن جي موجودگي (availability)، انهن تائين رسائي يا پهچ (accessibility)، سهولتن تي وَسَ (affordability) ۽ سائنسي طور مناسب (appropriate) هجڻ. جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ چئبو ”صحت جون اهي سهولتون جيڪي نه رڳو موجود هجن، پر هر شهريءَ لاءِ ويجهيون به هجن، رياست طرفان بنامعاوضي ميسر به هجن، جيئن هر شهري انهن جو لاڀ حاصل ڪري سگهي ۽ جديد سائنسي ڄاڻ تي پڻ آڌاريل هجن. ان وصف جي آڌار، ”صحت سڀ لاءِ“ ۾ سٽائن جو هڪ سلسلو شامل آهي، جن ۾ خدمتن جي استعمال ۾ سراسري، معيار ۽ مالي تحفظ هجڻ لازمي آهي.

گڏيل قومن جي اڳواٽيءَ ۾ جٽادار ترقيءَ جي سٽائن (sustainable development goals) واري پڌرنامي تي صحيون ڪرڻ وارا، پاڪستان سميت سيئي 194 ملڪ پنهنجين پنهنجين حالتن مطابق ان ڏس ۾ ڪوششون به ڪن ٿا ۽ اسان به لڳا پيا آهيون. ڪنهن به ملڪ، رياست يا اسانجي ويلَ وفاقي وحدت ۾ صحت جي سهولتن ۾ بهتري ۽ ترقيءَ جو جائزو مجموعي آبادي جي پيمانن (indicators) تي ورتو ويندو آهي، جيڪو رڳو ڪن مخصوص منصوبن، پراجيڪٽس يا پروگرامن جي ذريعي فراهم ڪيل جزوي خدمتن تي آڌاريل ناهي هوندو، انڪري جڏهن اسان ڪنهن مخصوص پروگرام وسيلي پهچايل خدمتن جا ڪاتن پاران پڌرا ڪيل انگ اکر ملڪي يا صوبائي سطح جي سروي ۾ گڏ ڪيل انگن اکرن سان پيٽيندا آهيون ته انهن ۾ زمين، آسمان جو فرق هوندو آهي، جيئن سنڌ ۾ گذريل ڀڻ سالن کان ننڍي ڄمار جي ٻارن کي ٻارهن وچڙندڙ موتمار بيمارين کان بچاءَ جي ٽڪن جو پروگرام پنهنجي خدمتن وسيلي صحت مرڪزن سان لاڳاپيل علائقن ۾ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ ٻارن تائين پهچڻ جي دعويٰ ڪندو آهي، پر جڏهن ساڳي صورتحال ملٽيپل انڊيڪيٽر ڪلسٽر سروي يا ڊيموگرافڪ سروي وسيلي سامهون ايندي آهي ته اها پهچ جملي آباديءَ جو 40 سيڪڙو کان به گهٽ هوندي آهي. ان فرق کي سمجهڻ بنا ”صحت سڀ لاءِ“ جي سٽائن کي سولو ڪرڻ يا صحت جي نظام کي پڙ ڪرڻ شايد ممڪن ڪونهي.



اهو ڪم وري رڳو ڪاتن ۾ پرتي ٿيل عملي جي لڳاتار پيشوراڻي تربيت (continuous professional development) وسيلي به ممڪن ڪونهي، ان لاءِ بنيادي قابليت جي نصابن ۽ درسي ڪتابن کي بهتر انداز ۾ مرتب ڪرڻو پوندو، جيڪو تڪڙو ڪمائڻ جي هٻش ۾ اسان ڪٿي وڃائي ويٺا آهيون.

وري جڏهن سهولتون جاگرافيائي، علائقائي، نسلي، زباني، جنسي يا صنفي بنيادن تي ترتيب ڏجن ٿيون يا ڪنهن مخصوص عمر، جيئن رڳو توليدي يا هزار ڏينهن لاءِ، ته اتي به شايد اسان ”صحت سڀ لاءِ“ جي بنيادي ضرورت پوري ڪرڻ کان گُسي ٿا پئون.

ڏنو وڃي ته سماج ۾ آباديءَ جون گڏيل گهرجون يا خدمتون ته اهم آهن، پر فردن جون وري پنهنجون پنهنجون گهرجون ٿين ٿيون، جن ۾ جيڪڏهن وچڙندڙ بيمارين کان بچڻ جي ويڪسين، صاف پاڻي، غذائي کوٽ کان بچاءَ ۽ بهتر گندي پاڻيءَ جي بهتر نيڪال هڪ پاسي، ته ڪنهن ذيابيطس جي روڳيءَ لاءِ خدمتون، ڳپ وتيءَ جي سارسنڀال يا ويم جهڙيون سهولتون به گهربل آهن، جيڪي پڻ ”صحت سڀ لاءِ“ وارو هدف پورو ڪرڻ جو وسيلو پڻ آهن، تنهن ڪري يونيورسل هيلٿ ڪوريج جي تصور تي اهو دليل ڏيڻ ته ان مان عوامي صحت جون خدمتون خارج آهن، نه رڳو غلط پر اسان جي نا سمجهي پڻ آهي.

ڏنو وڃي ته يونيورسل هيلٿ ڪوريج عالمي سطح تي پڻ هڪ لاڳاپيل حڪمت عملي آهي. سيئي ملڪ پنهنجي پنهنجي وس آهر معياري صحت جي خدمتن جي ضرورت ۽ استعمال ۾ وٿيءَ کي گهٽائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري سگهن ٿا ۽ ڪن به پيا.

صحت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۾ وسيلا (جن ۾ پاليسيون به شامل آهن)، ۽ يونيورسل هيلٿ ڪوريج وري انهن پاليسي جي مقصدن کي ترتيب ڏيڻ جو هڪ طريقو آهي. هتي اهو سمجهڻ تمام ضروري آهي ته سڌارن جا طريقا يا حڪمت عمليون جڏهن غلطيءَ مان مقصد بڻجي ويندا ته ان سان اهو تصور پروان چڙهندو ته، ”مسئلو“ حل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو سبب هڪ خاص پاليسيءَ جو هجڻ يا نه هجڻ آهي. جڏهن اهو ماحول جڙندو آهي ته حڪمت عمليءَ جو ڌيان جلدي اتان کان هٽي ويندو آهي، جتي ان کي هجڻ گهرجي يعني يونيورسل هيلٿ ڪوريج جي مقصدن جي نسبت گهٽ ڪارڪردگيءَ جي نوعيت ۽ سببن بابت اتفاق راءِ حاصل ڪرڻ ،جيڪو اڪثر ڪري خاص سڌارن جي طريقن جي بنيادي خوبين يا خامين بابت هڪ باڪل الڳ بحث آهي.

صحت لاءِ مالي وسيلن جي حڪومتي سطح تي فراهمي مثال طور، اهو سماجي يا ميونسپل جي بنياد تي صحت جي انشورنس، ڪارڪردگي تي ٻڌل فنانسنگ ،جنهن کي مان ٺيڪيداري چوندو آهيان ۽ صارف کان سهولت استعمال ڪرڻ عيوض روڪ رقم طلبڻ ،جنهن کي فيس جو نالو ٿا ڏين، تي بحث پڻ ٿيندي ڏنو ويو آهي. ايئن ڪنهن به شئي کي”يونيورسل هيلٿ ڪوريج تحت بهتري“ سڏڻ سان اها يونيورسل هيلٿ ڪوريج ته ڪونه ٿي پوندي.

يونيورسل هيلٿ ڪوريج ۾ شامل بنيادي هدفن کان هٽي ڪري فرد جي ذاتي نوعيت جون سهولتون شامل ڪرڻ جيئن اهو ان خطري کان محفوظ هجي ته هو ڪٿي بيماريءَ سبب ڪنگال نه ٿي وڃي، سرمائيداراڻن سماجن ۾ فرد اهڙين سهولتن کي به چڱو چوندا آهن، جتي ڪين اهو ڀروسو ڏياريو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڪجهه اڻ ٿيڻو ٿئي ٿو ته اهي ان جي نتيجي ۾ غريب ٿيڻ ڪانسواءِ معياري صحت جون خدمتون حاصل ڪري سگهندا، جيڪو اڄ سوڌو رڳو هڪ ڏٺو ئي رهيو آهي. اجتماعي صحت جي رياستي ضمانت، جنهن جو هدف ملڪي سرحدن اندر پکڙيل صحت جي مختلف خطرن جي ڪري سماجن جي ڪمزور ٿيڻ جي خطرن کي گهٽائڻ هوندو آهي. جيڪو يونيورسل هيلٿ ڪوريج جي تعريف کان ٻاهر وڌي خدمتون فراهم ڪندو آهي، پر اها هڪ واضح ڪڙي آهي، ڇاڪاڻ ته صحت جا نظام جيڪي يونيورسل هيلٿ ڪوريج ڏانهن ترقي ڪن ٿا، اهي اجتماعي صحت جي دلجاءِ ۾ پڻ حصو وٺندا آهن، تنهن ڪري، ”يونيورسل هيلٿ ڪوريج“ ۽ ”صحت جي دلجاءِ“ ڏانهن ترقي ڪرڻ لاءِ صحت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي.

صحت جي نظام جو پاڻ پرو هجڻ مان مراد آهي، نظام ۾ اها لچڪ، سقط يا صلاحيت، جيڪا ان جي خرابين کي سموئڻ، موافقت پيدا ڪرڻ ۽ گهربل خدمتن جي فراهمي سان موٽ ڏيڻ جي صلاحيت رکي، تنهن ڪري اهو ياد رهي ته ڪنهن نظام جو پاڻ پرو هجڻ ڪو عمل ناهي ،پر صلاحيت آهي، جيڪا وقتائتي سيڙپڪاري ۽ سڌارن سان پيدا ڪري سگهبي آهي، مثال طور سن 2010ع جي ٻوڏ وارن ڏينهن ۽ وري سن 2022ع جي بتال چئوماسي وارن ڏينهن ۾ سنڌ جنهن ريت انهن حالتن کي منهن ڏنو، تنهن ۾ صحت جي خدمتن ۾ پاڻ پريو هجڻ نروار ٿي اڀريو. پلي اسان ڪنهن عالمي سطح جون خدمتون فراهم نه ڪري سگهيا هجئون، پر پوءِ به وس آهر پنهنجي ماڻهن جي واهر ڪندا رهياسين. ان ڏس ۾ وڌيڪ منظم سيڙپڪاريءَ جي ضرورت آهي.

هتي اهو چوندو هلان ته صحت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ اهو آهي، جيڪو اسان هر سال عملي طور بجيٽ ۾ ڪندا آهيون. ”يونيورسل هيلٿ ڪوريج،“ ”صحت جي دلجاءِ“ ۽ ”پاڻ پرو ٿيڻ،“ اهو آهي جنهن جي اسان کي خواهش آهي ۽ ڪرڻ به چاهيون ٿا. تنهن ڪري اچو ته انهن اهم موضوعن تي ڳالهايون ۽ پنهنجي گونگي نه هجڻ جو ثبوت ڏيئون. ■

## سنڌ جون يونيورسٽيون عالمي رينڪنگ ۾ ڪيئن اچي سگهن ٿيون؟ ڪجهه تجويزون

# علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو يونيورسٽي ماڊل ڪهڙو هئو؟



ڊاڪٽر اظهر علي شاهه






سنڌ يونيورسٽي

**جيڪڏهن علامه آءِ آءِ قاضي جو متعارف ڪرايل انگليںڊ جي طرز وارو همه گير يونيورسٽي ماڊل سنڌ ۾ لاڳو ڪجي ته، سنڌ جي هر ضلعي ۽ هر شهر ۾ ان ضلعي ۽ شهر جي نالي سان همه گير يونيورسٽي قائم ٿئي، جتي ميڊيڪل، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر ۽ ٽيچر ٽريننگ سميت آرٽ، سائنس ۽ ٻين سمورن علمن جي تدريس ۽ تحقيق ٿي سگهندي. علامه آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر ٿيڻ بعد سنڌ يونيورسٽيءَ کي آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين جيان ڪاليجئيٽ يونيورسٽي بڻائڻ لاءِ ان کي حيدرآباد مان ڄامشوري منتقل ڪيو. سندس منصوبي مطابق آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج جي طرز تي سنڌ يونيورسٽي جا ٻارهن ڪاليج تعمير ٿيڻا هئا. هاڻي وري يونيورسٽيون علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي يونيورسٽين جي ماڊل ڏانهن واپس اچي رهيون آهن.**

سنڌ ۾ جديد تعليمي نظام جي شروعات انگريزن جي حڪمراني دوران 1854ع ۾ استادن جي تربيت لاءِ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل ”نارمل اسڪول“ کان ٿي. ڏهن سالن بعد 1864ع ۾ اهو ادارو حيدرآباد منتقل ٿيو ۽ 1887ع ۾ ان کي ترقي ڏيئي ”ٽريننگ ڪاليج فار مين“ جو درجو ڏنو ويو. ان ڪاليج 1902ع کان .اخبار تعليم“ جي نالي سان هڪ پرچو پڻ شايع ڪرڻ شروع ڪيو. 1978ع ۾ ان ڪاليج کي ترقي ڏيئي ”ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن“ جو درجو ڏنو ويو. ان بعد ان ڪاليج ذريعي سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ نوان ٽريننگ ڪاليج قائم ڪيا ويا ته جيئن اسڪولن لاءِ ڀرپور ماهر استاد تيار ٿي سگهن.

اسڪول قائم ڪرڻ سان گڏ انگريز حڪمرانن جديد اسپتالون قائم ڪرڻ جو پڻ سلسلو شروع ڪيو. اسپتالن لاءِ ڀرپور ڊاڪٽرن جي تياري لاءِ 1881ع ۾ حيدرآباد سول اسپتال جي احاطي ۾ ڊاڪٽر هومستيڊ طرفان ”سنڌ ميڊيڪل اسڪول“ قائم ڪيو ويو، جنهن کي ميڊيڪل ڪائونسل آف انڊيا جي سفارش تي 1942ع ۾ ترقي ڏيئي ”سنڌ ميڊيڪل ڪاليج“ بڻايو ويو. پر بمبئي يونيورسٽي سان وابستگي جي گهرجن تحت ان ڪاليج کي 1945ع ۾ حيدرآباد کان ڪراچيءَ منتقل ڪيو ويو ۽ ان جو نالو تبديل ڪري، ان وقت جي سنڌ جي گورنر سر هگ ڊائو جي نالي سان ”ڊائو ميڊيڪل ڪاليج“ رکيو ويو.

1951ع ۾ سنڌ حڪومت حيدرآباد ۾ پراڻو ميڊيڪل ڪاليج ٻيهر شروع ڪيو ۽ انجو نالو ان وقت جي وزيراعظم لياقت علي خان سان منسوب ڪندي ”لياقت ميڊيڪل ڪاليج“ (ايل ايم سي) رکي ان جي وابستگي سنڌ يونيورسٽيءَ سان ڪئي وئي. 1963ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد کان ڄامشوري منتقل ڪيو ويو، جتي 2001 ۾ ان کي الڳ ميڊيڪل يونيورسٽي جو درجو مليو.

اسڪول ۽ اسپتالون قائم ڪرڻ ۽ انهن لاءِ ڀرپور استاد ۽ ڊاڪٽر تيار ڪرڻ لاءِ اعليٰ تعليمي ادارا قائم ڪرڻ بعد انگريزن زرعي نظام جي آبياري لاءِ سکر بئراج تيار ڪرڻ جو منصوبو شروع ڪيو. ان منصوبي تحت سکر بئراج جي ڪم لاءِ ماهر انجنئر تيار ڪرڻ واسطي 1921ع ۾ پرنس آف ويلس انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيو ويو. 1924ع ۾ ڪراچيءَ جي انسان دوست سيٺ، نادرشا ايڊلجي ڊنشا جي ياد ۾ سندس وارثن انجنئرنگ ڪاليج کي ڏيڍ لک رپين جو عطيو ڏنو، جنهن ڪري ان انجنيئرنگ ڪاليج جو نئون نالو ”اين اي ڊي گورنمينٽ انجنيئرنگ ڪاليج“ رکيو ويو. اهو ڪاليج پڻ شروع ۾ بمبئي يونيورسٽي سان لاڳاپيل هيو، بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي سان اهو لاڳاپيل رهيو ۽ 1977ع ۾ ان کي الڳ انجنيئرنگ يونيورسٽي جو درجو مليو، جا اين اِي ڊي يونيورسٽي جي نالي سان مشهور آهي.

1932ع ۾ جڏهن سکر بئراج تيار ٿيو ته انگريز سرڪار کي زرعي ماهرن جي ضرورت پيش آئي، جنهن لاءِ انهن سنڌ ۾ زرعي تعليم لاءِ جديد ۽ اعليٰ تعليمي ادارو ”سر جارج فائيو انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر“ جي نالي سان سڪرنڊ ۾ 1939ع ۾ قائم ڪيو، جيڪو شروع ۾ ٻن سالن جو ڊپلوما ۽ بعد ۾ ٽن سالن جي بي ايس سي ايگريڪلچر جي ڊگري ڏيندو هو. 1954ع ۾ ان اداري کي ترقي ڏيئي ”سنڌ ايگريڪلچر ڪاليج“ جي نالي سان ٽنڊو ڄام ۾ ڪاليج قائم ڪيو ويو ۽ ان جي وابستگي سنڌ يونيورسٽي سان ڪئي وئي، جڏهن ته 1977ع ۾ ان کي الڳ زرعي يونيورسٽيءَ جو درجو مليو.

پاڪستان قائم ٿيڻ کان ڪجهه مهينا پهرين سنڌ اسيمبليءَ مان بل پاس ڪري سنڌ ۾ پهرين يونيورسٽي اپريل 1947ع ۾ ”يونيورسٽي آف سنڌ“ جي نالي سان ڪراچي ۾ قائم ڪئي وئي. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد ڪراچي وفاقي دارالحڪومت بڻجڻ ڪري اپريل 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته ڪراچيءَ ۾ وفاق طرفان ”يونيورسٽي آف ڪراچي“ قائم ڪئي وئي. سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد منتقل ٿيڻ بعد علامه آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مقرر ٿيو، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ کي آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين جيان ڪاليجئيٽ يونيورسٽي بڻائڻ لاءِ ان کي حيدرآباد مان ڄامشوري منتقل ڪيو. سندس منصوبي مطابق آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج جي طرز تي سنڌ يونيورسٽي جا ٻارهن ڪاليج تعمير ٿيڻا هئا. 1958ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر جي عهدي تان استعفيٰ ڏني. 13 اپريل 1968ع تي علامه آءِ آءِ قاضي جو وصال ٿيو. علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي سنڌ يونيورسٽي ڇڏڻ ۽ سندس وصال سان يونيورسٽي جي تعمير ۽ ترقي جو منصوبو اڌورو رهجي ويو. تجويز ڪيل ٻارهن مان صرف ڪجهه ڪاليج قائم ٿي سگهيا.

1947ع کان 1970ع تائين نه سنڌ يونيورسٽي جي تعمير مڪمل ٿي، نه وري ڪا ٻي يونيورسٽي سنڌ ۾ قائم ٿي. 1970ع واري ڍاڪي ۾ ان وقت جي وزير اعظم محترم ذوالفقار علي ڀٽي روس جي اعليٰ تعليمي ماڊل کان متاثر ٿي سنڌ يونيورسٽي سان لاڳاپيل انجنيئرنگ ۽ ايگريڪلچر ڪاليجن کي الڳ يونيورسٽين جو درجو ڏنو. ان سان گڏ ٽي نوان ميڊيڪل ڪاليج: چانڊڪا ميڊيڪلڪاليج لاڙڪاڻو، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نواب شاهه ۽ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي قائم ڪيا. ساڳئي وقت خيرپور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نالي سان سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمپس قائم ڪئي وئي، جنهن کي ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه جي ڪوشن سان يونيورسٽي جو درجو مليو.

ڀٽي صاحب جنهن روسي ماڊل تحت انجنيئرنگ ۽ ايگريڪلچر لاءِ الڳ يونيورسٽيون قائم ڪيون هيون، اهو ماڊل روس ۾ به ڪامياب نه ٿيو ۽ روس سميت چين ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ واپس آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج جيان همه گير (ڪامپريهينسو) يونيورسٽي ماڊل تحت انجنيئرنگ، ميڊيڪل ۽ ٻيا سمورا شعبا هڪ ئي يونيورسٽي اندر قائم ڪيا ويا.

پرويز مشرف جي دور ۾ اعليٰ تعليمي ادارن کي تمام گهڻا فنڊس مليا ۽ ڪيترن ئي ميڊيڪل ڪاليجن کي الڳ يونيورسٽيون بڻايو ويو، جن ۾ سنڌ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ايل ايم سي کي پڻ الڳ ڪري ”لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز“ جو درجو ڏنو ويو. ان طرح انجنيئرنگ، ميڊيڪل ۽ ايگريڪلچر ڪاليج الڳ ٿيڻ سان سنڌ يونيورسٽي جا پَر ڪتجي ويا، جنهن ڪري سنڌ يونيورسٽي جي حيثيت ملڪ جي ٻين يونيورسٽين کان گهٽجي وئي. ساڳئي وقت نيون قائم ڪيل انجنيئرنگ، ميڊيڪل ۽ ايگريڪلچر يونيورسٽيون دنيا جي همه گير يونيورسٽين جي درجابندي ۾ ڪو مقام حاصل ڪرڻ لائق نه رهيون. نتيجي طور هاڻ انجنيئرنگ، ميڊيڪل ۽ ايگريڪلچر يونيورسٽيون پڻ سائنس ۽ آرٽ سميت ٻين سمورن شعبن ۾ داخلائون ڪرڻ جا جتن ڪري رهيون آهن. ساڳئي وقت سنڌ يونيورسٽي پڻ ٻيهر انجنيئرنگ فيڪلٽي قائم ڪئي آهي ۽ اها ميڊيڪل فيڪلٽي يا ڪاليج قائم ڪرڻ جي تيارين ۾ آهي.

مٿي بيان ڪيل سنڌ جي يونيورسٽين جي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ 2010ع ۾ اچي ٿو، جڏهن پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي سنڌ سرڪار صدارتي هدايتن تحت ان وقت سنڌ جي تعليم واري وزير پير مظهر الحق ذريعي ڪيترن ئي ضلعي هيڊ ڪوارٽرز ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سميت ٻين يونيورسٽين جا اضافي ڪيمپس، ڊگري ڪاليجن کان ورتل اڌارين عمارتن ۾ قائم ڪيا، جتي نه پورا ڪلاس روم هيا، نه استاد هيا ۽ نه ئي يونيورسٽي ڪيمپس لاءِ ڀرپور ٻيون سهولتون هيون. پندرهن سال گذرڻ باوجود انهن اضافي ڪيمپسز جي ڪابه مناسب تعمير ۽ ترقي نه ٿي سگهي آهي، پر انهن مان ٽن ڪيمپسز کي ترقي ڏيئي الڳ يونيورسٽين جو درجو ڏنو ويو آهي، جن ۾ يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو، يونيورسٽي آف ميرپورخاص ۽ شيخ اياز يونيورسٽي شڪارپور شامل آهن. الڳ يونيورسٽين جو درجو حاصل ڪندڙ اهي ادارا به اڃان تائين ڪاليج جي ساڳين اُڌارين عمارتن ۾ پنهنجو ڪم ڪار هلائي رهيا آهن. مجموعي طرح سنڌ هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي انگن اکرن مطابق، هن وقت سنڌ ۾ 27 سرڪاري يونيورسٽيون ۽ 41 خانگي يونيورسٽيون آهن. اهو هڪ وڏو سوال آهي ته، انهن 68 يونيورسٽين مان ڪا هڪ به يونيورسٽي عالمي درجابندي ۾ ڪو خاص مقام حاصل ڇو نه ڪري سگهي آهي؟

مٿي بيان ڪيل يونيورسٽين جي تاريخي پسمنظر مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌ جي يونيورسٽين جو عالمي رينڪنگ ۾ پوئتي پوڻ جو هڪ اهم سبب مختلف حڪومتن طرفان بغير ڪنهن منصوبه بندي جي يونيورسٽين جي قيام ۽ جوڙجڪ ۾ ڦيرگير ڪرڻ سان جڙيل آهي. موجوده وقت جي يونيورسٽين جي ڪارڪردگين مان واضح ٿئي ٿو ته علامه آءِ آءِ قاضي جي بصيرت ڪيتري نه دور رس هئي ۽ هاڻي سنڌ جون سموريون يونيورسٽيون پاڻ ان همه گير ماڊل ڏانهن وڌي رهيون آهن، جتي ميڊيڪل، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر، آرٽ، سائنس، مينيجمينٽ ۽ ٿيالوجي سميت علم جي سمورين شاخن ۽ شعبن جي تدريس ۽ تحقيق هڪ ئي يونيورسٽي ۾ ڪئي وڃي. جيڪڏهن علامه آءِ آءِ قاضي جو متعارف ڪرايل انگلينڊ جي طرز وارو همه گير يونيورسٽي ماڊل سنڌ ۾ لاڳو ڪجي ته، سنڌ جي هر ضلعي ۽ هر شهر ۾ ان ضلعي ۽ شهر جي نالي سان همه گير يونيورسٽي قائم ٿئي، جتي ميڊيڪل، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر ۽ ٽيچر ٽريننگ سميت آرٽ، سائنس ۽ ٻين سمورن علمن جي تدريس ۽ تحقيق ٿي سگهندي. ان بعد انهن يونيورسٽين کي مقامي صنعت ۽ معاشري سان ايترو جوڙجي جو اهي نه صرف سنڌون پر انهن سندن سان گڏ نوان ڪاروبار ۽ روزگار جا موقعا پڻ فراهم ڪن ۽ انگلينڊ جيان دنيا جي يونيورسٽين جي رينڪنگ ۾ مٿيرو درجو حاصل ڪن.

همه گير يونيورسٽي ماڊل سان گڏ سنڌ جي يونيورسٽين ۾ تدريس ۽ تحقيق جو معيار بهتر ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن آفيسن يعني ڪوالٽي انهانسمينٽ سيل (ڪيو اِي سي) ۽ آفيس آف ريسرچ انوويشن اينڊ ڪمرشلائزيشن (اورڪ) کي مناسب اسٽاف ۽ ريسورسز تحت فعال بڻايو وڃي ته جيئن انهن جي ڪارڪردگي سان دنيا جي يونيورسٽين جي عالمي رينڪنگ ۾ ڀرپور ڪارڪردگي ظاهر ڪرڻ جي پيراميٽرن تي اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي.

هن وقت سنڌ جي اڪثر يونيورسٽين ۾ ڪيو اِي سي ۾ ڀرپور ڊيٽا اينالسٽ ۽ اورڪ ۾ ڀرپور مينيجر ريسرچ ۽ مينيجر انوويشن اينڊ ڪمرشلائزيشن سميت اهم اسٽاف موجود ئي نه آهي. صرف نالي ۾ انهن آفيسن جي چارج ڪجهه استادن حوالي ٿيل آهن، پر انهن جي ڪابه ڪارڪردگي نه آهي. انهن ٻنهي آفيسن جي فعال ٿيڻ سان يونيورسٽين جي عالمي رينڪنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هيٺ ڏنل پيراميٽرن ۾ سنڌ جون يونيورسٽيون پاڻ پڙهون ٿي سگهن ٿيون:

1. تدريسي ماحول: هڪ استاد جي نسبت شاگردن جو تناسب، ڊاڪٽورل ۽ بيچلر شاگردن جو تناسب، مالي آمدني.
2. تحقيقي ماحول: تحقيق لاءِ آمدني، تحقيق مان پيداواري، تحقيقي شهرت.
3. تحقيقي معيار: سائيٽيشن امپيڪٽ، معاشري تي تحقيقي اثر.
4. صنعت: صنعتڪارن جي تعاون سان آمدني، سند حق تحفظ(پيٽينٽ).
5. بين الاقوامي نقطه نظر: بين الاقوامي شاگرد، بين الاقوامي استاد، بين الاقوامي تحقيقي هم مصنف. ■



# ڊائريءَ جو ورق



امداد حسيني

**(اسين ميڊم سحر امداد حسيني صاحبہ جا بيحد ٿورائتا آهيون، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي شاعر سائين امداد حسينيءَ جي ڊائريءَ جو هيءُ يادگار ورق شايع ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ـ انچارج)**

ڪنهن ڪاج، تقريب يا ميٽنگ ۾ سوير يا اوير پهچڻ جا فائدا بہ آهن، تہ نقصان بہ. سوير وڃبو آهي تہ اڳيان ڪرسيون لڳي رهيون هونديون آهن، اُوير وڃبو آهي تہ ويهڻ لاءِ جاءِ نہ ملندي آهي. سو، مهتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وزٽ ڪرڻ آئي هئي، تڏهن جڏهن پاڻ تعليم کاتي ۾ سيڪريٽري هئي، تڏهن جڏهن حميد سنڌي اُتي چيئرمين هو. تڏهن جنهن ۾ مهتاب سان توڙي حميد سان منهنجو هڪ سڱ هو، هڪ ناتو هو، هڪ لاڳاپو هو، هڪ ڳانڍاپو هو. پر حميد هينئر منهنجو باس هو. ۽ مهتاب اُن باس جي بہ باس هئي ۽ هنن ۾ منهنجي وچ ۾ پروٽوڪول هو!

ڳورا ٻيئي پار، ويچاريءَ وَهَہ وچ ۾

آفيسر سڀ هيٺ هليا ويا هئا. سيڪشن ۾ ڪُڪڙوڪُو لڳي پئي هئي. سيني کي سيڪريٽريءَ جي پهچڻ کان اڳ ۾ چيئرمين جي آفيس ۾ پهچڻو هو. اهو بہ پروٽوڪول هو ۽ مان ’وڃان نہ وڃان‘ واري ٻُڌتر ۾ هوس! چاڪاڻ تہ ان قسم جي گڏجاڻين ۾ چا ٿيندو آهي، ان جي مون کي ڄاڻ هئي. بهرحال، مان هيٺ هليو ويس. سيڪريٽري ڪڏهوڪي اچي چڪي هئي. چيئرمين جي آفيس جو در ٻيڪڙيل هو. مون در کي ڌڪو ڏنو. در مان سِيرَ ٿي ۽ پٽيوالي مون کي ڏسي در اُپٽيو ۽ مان اندر ٿيس. ڪرسيون سڀ والاريل هيون. چيئرمين جي بريفنگ چالو هئي. مان اُتي ئي، در وٽ، پٽيوالي جي پرسان ئي بيهي رهيس. هڪ بہ پيرو مهتاب ڏانهن ڏنو بہ هئم ـ ۽ هي شعر هانوَ تي هُري آيم:

تون نهارين تہ سلام آءُ ڪريان
ڪجهہ پڇين جي تہ ڪلام آءُ ڪريان

پر هوءَ بزي هئي ـ بورڊ تي نقشا، چارٽ، انگ اکر ـ هڪ گورک ڌنڌو ـ غير ضروري تفصيل ـ ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪجهہ سمجهڻ لاءِ هوءَ سوال بہ پڇندي رهي. ۽ مون ڪِسڪ سُورَ پڙهڻ جي ڪئي. عين اُن وقت اُهو ئي سهائو آواز منهنجي ڪنن تي پيو: ”امداد صاحب!“ آواز جي سُهائي ڏور جهلي، اُن مُک ڏي نهاريم، جنهن ايڏي مڏر سُر ۾ منهنجو نانءُ اُچاريو هو. چيئرمين جي بريفنگ آڏو جهڙوڪر اوچتو اسپيڊ بريڪر اچي ويو. آفيس ۾ ويٺلن جون اکيون مون ڏانهن کڄيون ۽ کڄيل ئي رهجي ويون! ”امداد صاحب! توهان هيڏانهن اچي ويهو.“ مهتاب پنهنجي ساڄي پاسي واريءَ ڪرسيءَ تان پرس کڻندي ئي ٻاجهارو ٻوليو ۽ مان سندس پاسي ۾ وڃي ويٺس، ۽ بريفنگ وري چالو ٿي وئي!

اها وارتا لکندي اندر مان هڪ آهہ اُڀري تہ ڪاش! هاڻوڪي سنڌ سرڪار جي گذاري ويل دور ۾ بہ مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري تعليم هجي ها، تہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڪراچيءَ واري فيلڊ آفيس، ڦري، ڦٻائي، وِڪي نہ وڃي ها! ■

# هِڪڙي شاعر جو ڪهاڻين جو ڪتاب

**امر اقبال بنيادي طور تي، اول ۽ آخر شاعر آهي. ڪهاڻي، خبر ناهي تہ هن ڇو لکڻ شروع ڪئي؟ مون بہ ڪهاڻيون لکيون هِڪڙي زماني ۾. ڏهہ ڪهاڻيون لکيون هيون اسيءَ واري ڏهاڪي ۾.... پر مون اهي ڪهاڻيون صرف انهيءَ ڪري لکيون هيون، تہ ڇا مان نثر بہ لکي سگهان ٿو؟ منهنجو مقصد صرف اهو هو. مون کي ڪهاڻيڪار ٿيڻو ئي نہ هو. نہ منهنجي اها فيلڊ هئي. خبر ناهي تہ امر اقبال ڪهاڻيڪار ٿيڻ چاهي ٿو، يا نہ ٿو ٿيڻ چاهي، يا وري صرف شاعر هئڻ تي قناعت ڪرڻ چاهي ٿو....**



ايازگل

سڀ کان پهريان تہ مان امر اقبال کي پَنهنجي هن ڏهين ڪتاب جي اشاعت تي، دل جي گهرائين سان مبارڪون ڏيندس، ۽ گڏوگڏ مبارڪون ڏيندس پنهنجي دوست ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل کي، جيڪو سنڌي ادبي سنگت خيرپور جو سيڪريٽري آهي، ۽ ان جي ساٿين کي، جن هي ميڙاڪو مچايو آهي. هڪ وڏي عرصي کان پوءِ شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ ۽ ڪنهن تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو آهي.

توهان کي تمام گهٽا ماڻهو اهڙا نظر ايندا، جيڪي هڪ ئي وقت، هٿ ۾ هڪ کان وڌيڪ گدرا ڪٽڻ ۾ ڪامياب ٿيا هجن... ۽ امر اقبال انهن مان هِڪڙو آهي. ساڳي ئي وقت هن جي هٿ ۾... شاعر، ڪهاڻيڪار، محقق (حامي صاحب تي هن ٿيسز لکي آهي)، ڪمپيئر، اسڪرپٽ رائيٽر ۽ الائي ڇا ڇا.....

ائين گهٽ ماڻهو هوندا آهن، جن وٽ اهي سڀ صلاحيتون هجن، ۽ انهن کي هنن ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو هجي. آهن، ڪوڙ ماڻهو آهن، پر انهن سان ٿيو ائين آ تہ، نہ اهي ڪهاڻيڪار ٿي سگهيا، نہ شاعر ٿي سگهيا. چند ماڻهو توهان کي ملندا، جن وٽ اها خصوصيت آهي، تہ اهي ساڳئي وقت تي وڏا شاعر آهن، خوبصورت شاعر آهن، ۽ خوبصورت نثرنگار آهن. جيئن اياز صاحب جو مثال آيو... شيخ اياز جو... تہ ان جو نثر ايترو ئي خوبصورت آهي، جيتري هن جي شاعري. خاص ڪري هن جا لکيل خط جيڪي آهن ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۾، اهي سنڌي نثر جو هڪ شاهڪار آهن. ٻيو حوالو مان ڏيندو آهيان رسول ميمڻ جو. رسول ميمڻ بہ بنيادي طور تي شاعر ئي هيو، پر هن ڪهاڻيءَ کي وڌيڪ وقت ڏنو، ۽ هڪ وڏي ڪهاڻيڪار جي طور تي، ۽ هِڪڙي منفرد ڪهاڻيڪار جي طور تي اسان جي سامهون آيو... نہ تہ هن جي شروعاتي دؤر ۾ بہ ڪتاب ڇپيا هيا، هِڪڙو ”امن جي نالي“.... سندس پهريون ڪهاڻي ڪتاب، جيڪو مون ڇپايو هو ۽ هڪڙو ٻيو شاعريءَ جو ڪتاب هو هن جو ”اوشا جي آشا“..... جنهن کان پوءِ بہ هن شاعري ڪئي، ۽ ڏاڍي خوبصورت شاعري ڪئي.

هاڻي ان حوالي سان امر اقبال اسان کي انتهائي الڳ ٿلڳ شاعر جي طور تي مليو ٿو، جنهن جو نثر بہ بيحد خوبصورت آهي.



ايازگل ۽ امر اقبال

ٿوري گهڻي فرق سان، ساڳي ڳالهہ امر اقبال بہ ڪئي، ۽ مان بہ ڪندس.... پر ان کان اڳ مان حوالو ڏيندس منور سراج جي لکيل مهاڳ جو. منور سراج اسان جو تمام سهڻو ڪهاڻيڪار آهي... ۽ ناول نگار آهي. هن امر اقبال جي ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي، ۽ ان ۾ هن هِڪڙي سٺي ڳالهہ ڪئي آ، سهڻي ڳالهہ ڪئي آ. هن لکيو آهي تہ، مون کي جڏهن هي ڪتاب مهاڳ لکڻ لاءِ ڏنو ويو، تہ مون سمجهيو پئي تہ، اهو ”شاعر“ جو ڪتاب هوندو، پر هي هِڪڙي ”ڪهاڻيڪار“ جو ڪتاب هيو. معنيٰ تہ هُنَ (منور سراجَ)، هِنَ (امر اقبال) کي هِڪَ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان قبول ڪيو. هاڻي ٿوري فرق سان، مان ان ڳالهہ جي، ائين وضاحت ڪندس تہ منور سراج جي راءِ پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿي... مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب وري بہ هِڪڙي شاعر جو ڪتاب آهي، ڇو تہ ان ۾ امر اقبال جي شاعريءَ جا جيڪي رنگ آهن، جيڪي احساس آهن، جيڪي ڪيفيتون آهن، اهي اسان کي هنڌين ماڳين ملن ٿيون. هو پنهنجي نثر ۾ بہ شاعري ڪري ٿو. جيڪو اسان کي سندس ڪالمن وغيره ۾ بہ ملندو آهي. هو جيڪي ننڍڙا ننڍڙا اسڪرپٽ لکي ٿو، انهن ۾ اسان کي نظر ايندو آهي تہ، امر اقبال بنيادي طور تي، اول ۽ آخر شاعر آهي. ڪهاڻي، خبر ناهي تہ هن ڇو لکڻ شروع ڪئي؟ مون بہ ڪهاڻيون لکيون هِڪڙي زماني ۾. ڏهہ ڪهاڻيون لکيون هيون اسيءَ واري ڏهاڪي ۾.... پر مون اهي ڪهاڻيون صرف انهيءَ ڪري لکيون هيون، تہ ڇا مان نثر بہ لکي سگهان ٿو؟ منهنجو مقصد صرف اهو هو. مون کي ڪهاڻيڪار ٿيڻو ئي نہ هو. نہ منهنجي اها فيلڊ هئي. خبر ناهي تہ امر اقبال ڪهاڻيڪار ٿيڻ چاهي ٿو، يا نہ ٿو ٿيڻ چاهي، يا وري صرف شاعر هئڻ تي قناعت ڪرڻ چاهي ٿو... پر، جيڪڏهن هو شاعري ڪري ٿو... ان ۾ تہ هن جي پنهنجي هِڪڙي حيثيت آهي، پنهنجو هِڪڙو مقام آهي... پر، جيڪڏهن هو ڪهاڻيون بہ لکڻ چاهي ٿو تہ سٺو ڪهاڻيڪار آهي. هن جون ڪهاڻيون، هن کي هِڪڙي معتبر ڪهاڻيڪار جي طور تي، اسان جي سامهون آڻن ٿيون.

مون چيو تہ، مون کي هِڪڙي ساڳِي ڳالهہ، ٿورڙي فرق سان ڪرڻي آهي... منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ، هڪ ليکڪ جو سڀ کان وڏو سرمايو ان جا لفظ هوندا آهن.... خيالَ تہ هوندا ئي آهن، پر ان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو ان جا لفظ هوندا آهن. منهنجو خيال اهو آهي تہ لفظن جو جيترو ڪفايت شعاريءَ سان استعمال ڪجي، جيترو ڪفايت شعاريءَ سان خرچ ڪجي، اوترو بهتر آهي.... ۽ اهو ڪنهن شاعر کان وڌيڪ ڪوئي ڪري ئي نہ ٿو سگهي. هِڪڙي وڏي ڳالهہ کي مختصر لفظن ۾، ٻن سٽن ۾، جيڪڏهن ڪو ماڻهو پيش ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿو تہ، اهو شاعر آهي. امر جي ڪهاڻين ۾ بہ اسان کي اهو شاعر هنڌين ماڳين نظر اچي ٿو. مختصر..... جيئن هن پاڻ بہ چيو تہ، مان ان ڳالهہ جو قائل آهيان تہ، ”ڊيگهہ“ نہ ڪجي.... ۽ شاعر ائين ئي ڪري سگهي ٿو. جڏهن شاعر ميچوئرٽيءَ تي پهچي ٿو، هِڪڙي مقام تي پهچي ٿو، ان جي دسترس ٿي ٿي وڃي، شعر لکڻ تي.... تہ پوءِ هو جڏهن بہ ڪجهہ لکندو، تہ غيرضروري جيڪي شيون آهن، غيرضروري جيڪي لفظ آهن، انهن کان سواءِ بہ، ماڻهن تائين پنهنجي ڳالهہ پهچائي سگهي ٿو. هو ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.. ۽ هو چاهي، نہ چاهي، هن کان اها ڳالهہ ٿي ويندي... جيڪا امر اقبال کان سندس ڪهاڻين ۾ بہ ٿي آهي..... ■

(22 مئي 2025ع تي لطيف يونيورسٽي، خيرپور جي بينظير ڀٽو چيئر ۾ منعقد امر اقبال جي ڪهاڻين جي ڪتاب ’اڌ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي‘ جي مهورتي تقريب ۾ ڪيل صدارتي تقرير)

# ۽ ڪهاڻي زنده آهي

امر اقبال جي ڪهاڻين جي ڪتاب ’اڏ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي‘ جون گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيون ننڍڙيون آهن، پر سڀ ننڍڙيون ڪهاڻيون، مڪمل ڪهاڻيون آهن، جن جا پلاٽ جاندار ۽ ڪردار وڏا آهن. اهي پڙهڻ ڪانپوءِ اندر ۾ محبتون ۽ احساس ڪنهن ٻرندڙ ڪوئلي وانگر دکي تا پون. انهن ڪهاڻين جو ڪلائميڪس، اوچتو هٿ ۾ جهليل دکندڙ سگريٽ جو ڏنڀ محسوس ٿئي ٿو. اڪثر ڪلائميڪس ڇرڪ ڪيدي تا ڇڏن، ته ڪٿي وري ڳلو خشڪ ۽ اکيون آليون ڪري تا ڇڏين. ڪٿي وري هلڪو ٿهڪ ڏياري تا ڇڏين. پوءِ اسان ڪيئن ٿا چئون ته ڪهاڻي مري وئي آهي؟!



ڊاڪٽر اعجاز سمون

چنچر جو ڏينهن آرٽس ڪائونسل خيرپور ۾ منهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب ”مرادان“ جي مُهورتي تقريب هئي. تقريب شرع ٿيڻ کان پهريان اَمرَ اقبال شاپنگ بيگ ۾ ويڙهي سيڙهي مون کي اچي پنهنجو ڪتاب ڏنو. چيائين: ”خميس ڏينهن منهنجي ڪتاب ’اڏ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي‘ جي لطيف يونيورسٽيءَ ۾ مُهورتي تقريب آهي، توکي به ڪتاب تي ڳالهائڻو آهي.“ مُرڪي پيس. ڪتاب کي ٿيلهيءَ مان ڪڍي کولي ڏٺم. ان کان اڳ مون ڪتاب سوشل ميڊيا تي ڏٺو هو. ڪتاب خوبصورت ٽائيٽل سان هيو. پٺئين پاسي کان امر مون جيان مرڪي رهيو هو. مان چوندو آهيان ته، ڪو ليکڪ پنهنجو ڪتاب پنهنجي هٿ سان لکي، خوشيءَ خوشيءَ اعزازي ڪاپيءَ طور گفٽ ڪري، ته اهو لمحو مون کي محبوبا جي ڀاڪر جهڙو لڳندو آهي... ۽ جڏهن امراقبال جهڙو نفيس ليکڪ توهان کي خوشيءَ خوشيءَ پنهنجي ڪتاب جي ڪاپي گفٽ ڪري ته پوءِ ماڻهوءَ جو اهڙيءَ ڳالهه تي ايمان پختو ٿي وڃي ٿو.

مان مرڪي پيو هيس، جو مان خميس جي ڏينهن ڪراچيءَ پئي ويس....

چيائين: ”ڪراچي ڪتاب جي مُهورت کان پوءِ وڃجان.“

مون سندس اکين ۾ چتائي ڏٺو.

اها التجا نه هئي، مون لاءِ حڪم هو.

ٻيو ڪو جواب ئي نه هو ذهن ۾ ”ها“ ڪرڻ ڪانسواءِ.

گهر پهچي، ڪتاب هڪ رات ۾ ٽن چئن ڪلاڪن ۾ پڙهي پورو ڪيم. ڪتاب ۾ 38 اڪثر ننڍڙيون ننڍڙيون، ڪجهه وڏڙيون ڪهاڻيون آهن. ننڍڙين ۽ وڏين ڪهاڻين مان منهنجي مراد ڪهاڻين جي عمر ٻڌائڻ هرگز نه آهي... مان ڪهاڻين جي ڊيگهه پيو ٻڌايان. امر جي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ جملو آهي: ”ڇوڪريءَ جي نيرين اکين ۾ ڪيتريون ئي ننڍڙيون ننڍڙيون رنگين مڇيون تري رهيون هيون.“ اها هڪ تشبيهه آهي. سندس ڪهاڻيون به انهن رنگبرنگي ننڍڙين خوبصورت مڇين جهڙيون آهن.

ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، مان سوچڻ لڳس ته، سيني ڪهاڻين تي ته ڪونه لکي سگهندس. ڪجهه ڪهاڻين تي ٿو لکان، چو ته مون کي لکڻو ضرور هو، واعدو جو ڪري ويٺو هيس ۽ اهو به هڪ خوبصورت شاعر، نفيس ماڻهوءَ ۽ پراڻي دوست سان....

ذهن ۾ ٻيهر هڪ سوچ ڪَرُ ڪنيو. ڄڻ درياءَ جو ڪو بند ڀڳو. ماضيءَ ڪن پل لاءِ اٿلائي وڌو. لڳ ڀڳ ڏهه يا ٻارهن سال ٿيندا. هڪ معمولي ڳالهه تي اسان هڪ شهر ۾ رهندي، گهمندي ڦرندي، نه ڪڏهن هٿ ملايو، نه ئي ڪڏهن هن ڪتاب ۾ موجود ننڍڙين ۽ وڏڙين ڪهاڻين جيتري ڪا ڪچهري ڪئي... نه ئي ڪڏهن گڏجي هڪ ٽيبل تي ويهي چانهه جو ڪپ پيتو بس هوائن جي رخ تي هلندا رهياسين. انهيءَ يقين سان ته، اندر ۾ هڪ رنگ اهڙو ضرور آهي، جيڪو ٻئي رنگ سان ملي، ٽيون رنگ ٺاهيندو آهي، جنهن کي دوستيءَ جو رنگ چئبو آهي.... هڪ تانگهه اندر ۾ ضرور هئي ٻيهر ملڻ جي! چانهه جو هڪ گرم ڪپ پيئڻ جي... هڪ ڊگهي ڪچهري ڪرڻ جي.... ها، هڪ وجود کي يقين ضرور هو ته ڪڏهن ملي مڪمل ٿي ويندا سين....

لڳ ڀڳ ائين ڏهه سال خاموشيءَ ۾ گذري ويا. هيڏو وقت ڄڻ اک ڇنڀ ۾ گذري ويو هو. سوچيم ته، ڏهن سالن جي گذريل عرصي تي ٿو لکان ... ائين ڪجهه لکڻ لڳس. سچ پڇو ته هٿ ڀُورا ٿيندا ويا. هڪ ڏينهن کان اڳي وڌي نه سگهيس. سال ته اجان پري جي ڳالهه هئي هڪ ڊگهو پنڌ هو.. سو پنڌ ڪرڻ جي سگهه ڪونه ساري سگهيس ... ڪتاب بند ڪري پرسان رکي، ڄڻ ڪنهن روئيندڙ ڪلنڌڙ ٻار کي ٻانهن ڏئي، سمهاري، مون به اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

”اڏ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي....“

اڄ جنهن ڪتاب جي مهورت آهي هن خوبصورت هال ۾، اهو ڪتاب ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ڪتاب پڙهندي مون ڪجهه ڪهاڻيون اندر لاٿيون ڪيون آهن.

ڪهاڻي ”تالو“ هڪ ننڍڙي ڪهاڻي آهي، پر ان ۾ جيڪو درد آهي، اهو سمنڊ ۽ آڪاش جيڏو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ درد ۽ پيڙا ائين پوئي وئي آهي، جو اهو درد بار بار اکين کي ڇُلڪائي وجهي ٿو.

ڪهاڻيءَ جو ڪردار روزانو صبح جو گهر مان نڪرندي زال ۽ ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ وڃي ٿو. سندس پٺيان گهر ۾ هڪڙي اڪيلي ماءُ بچي ٿي، انهيءَ ڪري هُن کي گهَرَ جي ٻاهرئين دروازي کي تالو ناهي هڻڻو پوندو. پر ماءُ جي مرڻ ڪانپوءِ، جڏهن هو گهر مان پنهنجي زال ۽ ٻارن کي اسڪول ڪٽي وڃي ٿو، ته هڪ لمحي ڪاڻ سندس ذهن جهٽڪو کائي ٿو ۽ هو تڪڙ ۾ گهر ۾ اندر وڃي تالو ڪٽي اچي ٻاهرين دروازي کي ڏئي ٿو. ڪهاڻيءَ جو اهو ڪلائميڪس آهي.... (اهو تالو روزانو ڪهاڻيءَ جي ڪردار جي وجود ۾ ماءُ جي موت ۽ وڇوڙي جو درد جاڳائي وجهندو هوندو.) ”تالو“ هڪ ننڍڙي ڪهاڻي آهي، پر ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ۽ ڪردار تمام وڏا آهن.

ڪهاڻي ”ارڏو“ هن دور جي بگڙيل اولاد جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ وڏي ماڻهوءَ جو



ڇوڪرو، هڪ جهوني استاد سان گستاخي ڪري ٿو. استاد جي شڪايت تي پرنسپال وٽ فيصلو ٿئي ٿو. پرنسپال وڏي ماڻهوءَ جي پٽ کي ڏسي، وچين واٽ وٺي استاد کي چئي ٿو: ”سائين! معاف ڪيوس، نينگر مڙئي ڪجهه ارڏو آهي.“ هن ڪهاڻيءَ ۾ جهوني استاد جو ڪاوڙ ۾ چيل جملو ڪهاڻيءَ جو ڪلائميڪس آهي. جملي ۾ مزاح پڻ آهي. ليڪڪ ان جملي ۾ استاد جو درد پوبو آهي، ڄڻ هڪ شاگرد لاءِ استاد جي بدعا پڻ آهي. هيءَ به ننڍڙي ڪهاڻي آهي، پر جاندار ڪلائميڪس جي ڪري، ڪهاڻي هن دور جي معاشري جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ پڙهندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.

”گوريون“ هڪ روائتي ۽ واقعاتي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پڙهڻ سان ئي پڙهندڙ ڪلائميڪس تي پهچي وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ جو تاڃو پيٽو ليکڪ بهترين نموني سان اُڻيو آهي، انهيءَ ڪري ڪهاڻي پڙهندڙ سان اکيون ملائي بيٺي آهي.

امر اقبال جي ڪتاب ڪتاب جون گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيون ننڍڙيون آهن، پر سڀ ننڍڙيون ڪهاڻيون، مڪمل ڪهاڻيون آهن، جن جا پلاٽ جاندار ۽ ڪردار وڏا آهن. اهي پڙهڻ ڪانپوءِ اندر ۾ محبتون ۽ احساس ڪنهن ٻرندڙ ڪوئلي وانگر دکي تا پون. انهن ڪهاڻين جو ڪلائميڪس، اوچتو هٿ ۾ جهليل دکندڙ سگريٽ جو ڏنڀ محسوس ٿئي ٿو. اڪثر ڪلائميڪس ڇرڪ ڪيدي تا ڇڏن، ته ڪٿي وري ڳلو خشڪ ۽ اکيون آليون ڪري تا ڇڏين. ڪٿي وري هلڪو ٿهڪ ڏياري تا ڇڏين.

پوءِ اسان ڪيئن ٿا چئون ته ڪهاڻي مري وئي آهي؟! اهو سوال اڪثر بحث هيٺ پيو ايندو رهيو آهي. جڏهن به ڪهاڻيءَ تي ڳالهايو ويو آهي ۽ جڏهن به ڪهاڻيءَ جو ذڪر نڪتو آهي. مان سوچيان ٿو، ڪهاڻي مري وئي آهي يا ڪهاڻي زنده آهي؟ اڄ به اهو سوال منهنجي ذهن ۾ اڀري ٿو. جيڪڏهن ڪهاڻي مري وڃي ها ته اسان ان کي ڪڏهن جو قبر ۾ پوري پنهنجي پنهنجي گهر وڃي چڪا هجون ها، پر ڪهاڻي ته زنده آهي ۽ زنده رهندي. جيستائين ڳالهه مان ڳالهه پئي نڪرندي، تيستائين ڪهاڻي زنده رهندي. جيستائين هڪ به آدم جو روح هن ڌرتيءَ تي رهندو، ڪهاڻي زنده رهندي، جيستائين ڪهاڻي اسان ۾ ساهه پئي کڻندي، ڪهاڻي زنده رهندي. هتڙي اسان سيني جو امر اقبال جي هن ڪتاب جي مهورت ۾ گڏ ٿيڻ وڏو ثبوت آهي ته ڪهاڻي زنده آهي، ڪهاڻي لکجي پئي ۽ لکجندي رهندي. چو جو انسان زنده آهي ته ڪهاڻي به زنده آهي.

هن ڪتاب جو مهاڳ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار منور سراج لکيو آهي، ۽ بهترين، شاعراڻي انداز ۾ لکيو آهي. هن دور ۾ جيڪڏهن ڪنهن پڙهندڙ کي سٺي ڪهاڻي پڙهڻي آهي ته اهو منور سراج کي ضرور پڙهي. ڪتاب جو بيڪ پيج ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار رسول ميمڻ لکيو آهي، جنهن ڄڻ پٿر تي لڪير وانگر لکي ڇڏيو آهي، ۽ ائين ئي آهي. رسول ميمڻ لکيو آهي: ”امر اقبال سٺو شاعر آهي ۽ هن جو نثر اثرانگيز آهي.“

ڪتاب ۾ امر اقبال پنهنجي پاران ۾ لکيو آهي ته: ”ڪهاڻي لکڻ مون لاءِ شعر لکڻ وانگر ئي رهيو آهي. ڪهاڻي به شعر وانگر اوچتو ئي اوچتو لهندي آهي.“

پر شيخ اياز چوي ٿو ته ”نثر پنڌ ڪندو آهي ۽ نظم رقص ڪندو آهي.“

مان سمجهان ٿو ته رقص وجود ۾ وجدان پيدا ڪندو آهي ۽ محبوب سان آمهون سامهون ويهي ملاقات ڪندو آهي... ۽ پنڌ ٿڪائيندو آهي ۽ ماڻهو ٿڪجي، محبوب سان ملڻ لاءِ سجدي ۾ پئجي ويندو آهي. هاڻي امر تي آهي ته ڇا هو رقص ڪرڻ ٿو چاهي؟ يا پنڌ ڪرڻ ٿو چاهي !؟

جيترو مون ڄاتو آهي ته ادب جي سيني صنفن ۾ وڌيڪ ڏکيو ڪم ڪهاڻي لکڻ آهي ۽ ان کان وڌيڪ ڏکيو ڪم ڪهاڻيءَ سان نباهه ڪرڻ آهي. هن ڪتاب ۾ ڪجهه ڪهاڻين کي ڇڏي، امر ڏکيو ڪم به ڪيو آهي ۽ وڌيڪ ڏکيو ڪم به ڪيو آهي. ڪهاڻي به لکي آهي ته ڪهاڻيءَ سان نباهه به ڪيو آهي. ڪجهه ڪهاڻين کي پڙهندي، مان پنهنجي مُنهن ڪِلِيو به آهيان. ڪِلِيو ڇو آهيان؟ ڇو جو هڪ اڏ ڪهاڻيءَ ۾ مون پاڻ کي به ڏٺو آهي. هڪ اڏ ڪهاڻي اهڙن ماڻهن تي به لکيل آهي، جن کي مان پنهنجي شهر خيرپور ۾ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. ڪتاب ۾ لڳ ڀڳ پنج ڇهه ڪهاڻيون ليکڪ پاڻ تي لکيون آهن، جيڪي اڪيلائپ، غم ۽ خالي گهر هن کان لکايون آهن. اهي ڪهاڻيون پڙهڻ ڪانپوءِ، منهنجون اکيون ٽمي پيون هيون.

مان يقين سان ٿو چوان ته، مون تي لکيل هڪ اڏ ڪهاڻي لکندي امر به ضرور ڪليو هوندو، ۽ انهن ڇهن ڪهاڻين تي، جن کي پڙهندي منهنجون اکيون ٽمي پيون هيون، امر به لکندي ضرور سڏڪي پيو هوندو.

جهڙيءَ طرح اسان جي چوڌرد هن ڪائنات کي وسيع آڪاش آهي، چنڊ آهي، چمڪندڙ ۽ ڏيما ڏيما ستارا آهن، هڪ چٽو روشن سورج آهي ۽ پورا ناسي پوتر بادل آهن ائين ئي تخليقڪار جي اندر ۾ به هڪ آڪاش آهي، هڪڙي ننڍڙي دنيا آهي، جنهن ۾ چنڊ جهڙيون محبتون ۽ سمنڊ جيڏا وڇوڙا آهن، ستارن جهڙا چمڪندڙ ، ڏيما ڏيما، وٽندڙ ۽ اڻ وٽندڙ رشتا آهن، سج جي تپش جهڙيون تڪليفون ۽ نفرتون آهن، پاڪ ۽ پوتر بادلن جهڙيون خوشيون، ڏک ۽ غم آهن. اهي سڀ ملي هڪ ليکڪ جي اندر ۾ هڪڙي ڪائنات جوڙن ٿا. تڏهن ئي انهيءَ ڪائنات مان ڪو تخليقڪار پيدا ٿئي ٿو، جيڪو بعد ۾ ڪائنات ۾ ڪوڙ سارين ڪائناتون جوڙي وجهي ٿو. پوءِ اهو شاعر جي روپ ۾ هجي، ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ هجي، مصور جي روپ ۾ هجي، موسيقار جي روپ ۾ هجي، ڳائڻي جي روپ ۾ هجي يا اداڪار جي روپ ۾ هجي. اهو تخليقڪار آهي، ڌرتيءَ جو، قوم جو ۽ پنهنجي ٻوليءَ جو سرمايو آهي. هو تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ ورثو آهي، جنهن کي سنڀالڻ اسان جو ئي فرض آهي.

امر اقبال جي سنڌي ادب ۾ سڃاڻپ هڪ خوبصورت شاعر جي آهي، بلڪ مون کي اهو چوڻ ۾ هٻڪ محسوس نه ٿي ٿئي ته هو سنڌي ادب جو هڪ تمام خوبصورت شاعر آهي، جيڪو پنهنجي سڃاڻپ هڪ مضبوط شاعر طور، پنهنجي تخليقن وسيلي ڪرائي چڪو آهي. هن کي تشبيهن ۽ استعارن جي استعمال تي بي پناهه قدرت حاصل آهي، تنهنڪري هو پنهنجي همعصر شاعرن مان گهڻن کي گهڻو پٺتي ڇڏي بيٺو آهي.

امر ڪنهن شخصيت تي لکي ٿو، يا ڪنهن ڪتاب تي لکي ٿو ته بلڪل ڪنهن مصور وانگر پورٽريٽ جوڙي وجهي ٿو، جنهن ۾ هن جي لفظن جا اسٽروڪ، پڙهندڙ ۾ هڪ دلچسپي پيدا ڪن ٿا.

جڏهن ليکڪ جي سٽن ۾ پڙهندڙ کي زندگي ساهه کڻندي نظر ايندي آهي، تڏهن اهو ليکڪ پڙهندڙن جو محبوب ليکڪ بڻجي پوندو آهي، اهڙو اعزاز پڙهندڙن، ڪنهن بادشاهه جي تاج وانگر، امر جي مٿي تي رکي ڇڏيو آهي. بادشاهه، جنهن جو تخت پڙهندڙن جي دلين ۾ آهي.

امر هنن ننڍڙين ننڍڙين ڪهاڻين ۾ وڏا وڏا ڇرڪائيندڙ موضوع پڙهندڙ کي ڏنا آهن... ۽ ڪهاڻي پڙهندي پڙهندي ائين ختم ٿي وڃي ٿي، جو ڪا خبر ئي نه ٿي پئي. ڪڏهن اندر مان هڪ ٿهڪ اڀري ٿو، ڪڏهن اکين مان ڳوڙهو ٽمندو ڳل کي محسوس ٿئي ٿو.

ٻڌايو وڃي ٿو ته دنيا ۾ 36 موضوع آهن، جن تي ڪهاڻي لکي وئي آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين لکي پئي وڃي، پر هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ 38 ڪهاڻيون آهن.

دنيا ۾ موضوع 36 ۽ هن ڪتاب ۾ ڪهاڻيون 38.... آهي نه ڪمال جي ڳالهه!

هي ڪتاب توهان سيني کي ضرور پڙهڻ گهرجي، جئين مان اڳ ۾ چئي چڪو آهيان، ته هڪ اڏ ڪهاڻي مون سان لاڳاپيل آهي، هڪ اڏ جيڪا ٻين ماڻهن تي لکيل آهي... انهن کي به مان چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. تي سگهي ٿو ته هن هال ۾ ويٺل ڪي ٻيا ماڻهو به هن ڪتاب ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڪهاڻيءَ جا ڪردار هجن، ڇو جو ڪهاڻي ته ڪهاڻي آهي. اها سک جي هجي يا دک جي هجي. سائين اياز ڳلَ ته اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيو آهي ته:

دک جي نه پڇاڻي آ

هر شخص ڪهاڻي آ

ته پوءِ گهبرائڻ جي ڳالهه نه آهي. ڪتاب ۾ گهڻي ڀاڱي ڪهاڻين جي ڪردارن جو تعلق خيرپور شهر سان آهي، جيڪي ڪردار امر اقبال پنهنجي اکين سان ڏٺا آهن. ساڻن ڪچهريون ڪيون آهن ۽ بعد ۾ انهن کي پنهنجين ڪهاڻين جو حصو بڻايو آهي. هن ڪتاب ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون ۽ وڏا وڏا ڪردار آهن. سچ اهو ئي آهي، جيڪو مون محسوس ڪيو آهي.

هي ڪتاب توهان ضرور پڙهجو. ■

(22 مئي 2025ع تي لطيف يونيورسٽيءَ جي بينظير ڀٽو چيئر ۾ منعقد ٿيل ڪتاب جي مهورت تقريب ۾ پڙهيل)

27 مئي: 46هين سالگره

# بيباڪ ۽ رومانوي شاعر - سرواڻ سنڌي



سرواڻ سنڌي جيترو سُنو شاعر آهي، ايترو ئي سُنو نثر نويس بہ آهي. سندس مضمون ۽ ڪالم بيحد وڻندڙ هوندا آهن. اسانکي تہ سندس ناول جو بہ انتظار آهي، جيڪو اميد تہ جلد ئي ڪتابي شڪل ۾ پڙهندڙن تائين پهچندو. اسان، هي، سنڌ جي سهڻي شاعر سرواڻ سنڌي جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، جيڪو هن وقت رهي تہ اسلام آباد جهڙي پهاڙي شهر ۾ ٿو، پر سندس دل اڄ بہ لاڙ جي ڪلراٺن پوٺن تي ڊوڙون پائي پئي.



سرمد ڪوسو

هُن ڪي وڏي شهر ۾ رهندي بہ ڳوٺ ياد ايندو آهي، امان ياد ايندي آهي، پيُر ۽ پينرون ياد ايندين آهن، دوستن سان کيل رانديون ۽ ڪچهريون ياد ايندين آهن، وهندڙ واهہ، صبح سانجهيءَ جي شفق، چانڊوڪيون، سرديون ۽ گرميون ياد ايندين آهن.

هُن ڪي شهر جا وڏا شاپنگ مال گهمندي بہ ڳوٺ ۾ لڳندڙ اُهو ميلو ياد ايندو آهي، جتان ٻار، ڪشمش ۽ ڦُلاوني ڪائين ٿا. هُن سان جڏهن ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي آهي تہ، چوندو آهي،"ادا، ڳوٺ ۾ هلندڙ لاري/بس جي تصوير يا وڊيو محفوظ ضرور ڪجان، ايندڙ ڪجهہ وقت ۾ اهي شيون ڳولي نہ لڀنديون." هن جي گفتگوءَ ۾ امڙ جو ذڪر ضرور هوندو آهي، جنهن مان سندس معصوم دل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هُو غلط کي غلط ۽ صحيح کي صحيح چوڻ جي سگهہ رکندڙ تمام ٿورڙن ماڻهن مان هڪ آهي، نہ تہ اڄڪلهہ مصلحت پسندي عروج تي آهي. ذاتي فائدن لاءِ ڪيترن ئي وڏن نظر ايندڙ ماڻهن کي ڪِرندي ڏٺوسين، پر هي انهن ڳالهين کان پري نظر آيو. جيڪا ڳالهہ جيئن آئي، ٺهہ پهہ چئي ڏيندو، پوءِ پِلي سامهون واري نہ وٽي.

هُو جنهن روانيءَ سان ٻرندڙ موضوعن تي غزل يا طويل نظم لکي سگهندو آهي، ايئن شايد ئي ٻيو ڪو شاعر ڪندو هوندو. هُو سنڌي ٻوليءَ کي هن وقت بہ شاعريءَ جا شاندار ڪتاب ڏئي چڪو آهي، جن ۾ سندس پهريون ڪتاب "هنج نہ آيا هيل" ۽ ٻيو ڪتاب "مُند بنا موتيا" شامل آهن. اِهي ٻئي ڪتاب جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نهايت خوبصورت اضافو آهن. انهن ڪتابن ۾ هُن جو بيباڪ ۽ رومانوي انداز پڙهڻ جهڙو آهي. اميد تہ اڳتي بہ سندس شاعريءَ جا مجموعا ايندا.

هُن جي شاعري ۾، درياهہ جو درد ۽ موج بہ آهي، تہ سمنڊ جو سُور ۽ بيچيني بہ آهي. سندس شاعري ۾ معصوم ٻارڙن جي معصوم جذبن جو بہ ذڪر آهي، تہ الهڙ جوانيءَ جي اُڌمن، جذبن ۽ احساسن جو بہ ذڪر آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪاوش مئگزين ۾ ئي شايع ٿيل سندس هڪ غزل جا هي بہ شعر پڙهي ڏسو تہ، اوهانکي اندازو ٿيندو تہ، سندس شاعريءَ ۾ ڪيڏي گهرائي آهي.

"شهر ۾ بِيمار رهندا سپ هُئا
پيار کان جو ڏار رهندا سپ هُئا

آئون پُراڻي ماڳ ڏي آيس وري
ڳوٺ ۾ جو يار رهندا سپ هُئا."


ٻاروتڻ

يا وري سنڌ ۾ هلندڙ موجوده مار ڌاڙ جي حوالي سان سندس هيءَ شاعري پڙهي ڏسو:

"منهنجا پاءُ هوائن جهڙا
هلڪا هلڪا، خوشبُوءِ جهڙا
جيڪي تنهنجن گولين گهايا



سپنا مٽيءَ منجهہ ملايا
منهنجا پاءُ تہ عاشق آهن
تُون ڇا ڄاڻين ڌرتيءَ ڇاهي؟
ماتا ڇاهي؟ سرتي ڇاهي؟
تنهنجي ليکي هرڪو ماڻهو
خالي خالي مٽي آهي
هڪڙي ڳالهہ تہ ڇٽي آهي
هڪڙي ڏينهن هي ڳاڙها، ڳيرُو
منهنجا پائر مالڪ ٿيندا
سنڌ گڏيندا _ سنڌ اَڏيندا.
تُنهنجي سيني مُنگ ڏريندا."

هُو جيترو سُنو شاعر آهي، ايترو ئي سُنو نثر نويس بہ آهي. سندس مضمون ۽ ڪالم بيحد وڻندڙ هوندا آهن. اسانکي تہ سندس ناول جو بہ انتظار آهي، جيڪو اميد تہ جلد ئي ڪتابي شڪل ۾ پڙهندڙن تائين پهچندو. اسان، هي، سنڌ جي سهڻي شاعر سرواڻ سنڌي جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، جيڪو هن وقت رهي تہ اسلام آباد جهڙي پهاڙي شهر ۾ ٿو، پر سندس دل اڄ بہ لاڙ جي ڪلراٺن پوٺن تي ڊوڙون پائي پئي. 27 مئي، سرواڻ سنڌيءَ جو جنم ڏينهن آهي. اُن حوالي سان ڪيس انيڪ واڌايون هجن. ■

# سروڻ سنڌيءَ جي شاعري



1

ڪنهن وڄايو ڄار، ڇالئہ تو پُڇين؟!
تُون پتڻ جا پار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

سچ ۾ آڪاش اهڙي گهاءُ جو،
ڪِينَ هو حقدار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

يا تہ پنهنجي ڀاڳ جا ڳوڙها هُئا
يا وُٺو ولهار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

پيشوا ڇو پنڌ ۾ رهجي ويا؟
ڇو نہ پُهتا دار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

پاڻ رهبر، پاڻ اڳ ۾، ۽ پُٺيان،
ڪنهن هنئي تلوار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

پُٺ پنهنجي ۾ خنجر جي ڌار جا،
ڪيترا ٿيا وار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

ڇو ٻُڏي، سُهڻي اڪيلي سير ۾؟
ڇو ٻچيو ميهار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

عشق جو اڪ مان ڪجل نڪري ويو،
جيتِ ٿي يا هار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

دوستن جي وچ ۾ ايڏي اُيي،
ڪنهن ڪئي ديوار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

موت جنهن جي آخري ورندي هُجي،
سوال سو هربار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

رقص پنهنجي رُوح ۾ آهي رچيل،
گيت جي گُونجار، ڇالئہ تو پُڇين؟

ڀاڳ پنهنجي جا ستارا اُڀ تي،
گڏ هُئا يا ڌار، ڇالئہ تو پُڇين؟

هُوءَ هوا وانگر ڇُهي ويئي هلي،
ڳالهہ تنهنجي يار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

محبتن جي موٽ ۾ سروڻ ڪي،
ڇا ڏنو سنسار، ڇالئہ تو پُڇين؟!

2

ويٺي ويٺي تہ ڪِين ٿينداسين
واءُ لڳندو ذهِين ٿينداسين

پَنهنجي تاريخ پاڻ لکنداسين
وقت تُنهنجا امين ٿينداسين

هجرتُون، هجرتُون ڪندي آخر
تُنهنجي پاڙي مڪِين ٿينداسين

حُسن پرسان اڇي اگر ويهندو
پاڻ ڀي پو حسِين ٿينداسين

ايئن وڌندا جي فاصلا ويندا
نيٺ اُڀ ۽ زمِين ٿينداسين

ڏينهن هُوندي تہ رنگ ناهي ڪو
رات ٿيندي، رنگِين ٿينداسين

رُوح ۾ روڳ سدا لئہ پالي
خُوبصورت جبِين ٿينداسين

هِن جنم ۾ پاڻ هڪٻئي جا
آهي مون کي يقين ٿينداسين

دلبرين موڙيو جي مُنهن سروڻ
دار تي تخت نشِين ٿينداسين.

3

موت ويڙهي ڪٽي رکي آهي
زندگي هيءَ اڻ لکي آهي

چپ هيراڪ يار پنهنجا ها
مڏ ماکيءَ جيئن چکي آهي

ڏَسُ هن جو پيلا ڪو ڄاڻي ٿو؟!
هُوءَ نہ جيڪا هرڻ اکي آهي!

ڳُنڍ پنهنجو اهو ئي آهي بس
ماڪ مانيءَ تي مکي آهي

رات لهرن تي آ لُڙهي پهتي
ٻاڪ درياهہ تي ٻکي آهي

ڍنڍ ڪنهن جيءَ تي تہ لهٽو آ
پيار پنهنجو بہ هي پکي آهي

راهہ منهنجي حسين جيون جي
سينڌ تنهنجي ئي سکي آهي

هُن گهڙو ناهي پريو پاڪر ۾
هن ندي ٻانهن ۾ ٻکي آهي

سُونهن هر هڪ سسئيءَ جي سروڻ
واٽ تي ئي سدا ڪکي آهي.

4

شهر ۾ بِيمار رهندا سڀ هُئا
پيار ڪان جو ڏار رهندا سڀ هُئا

آئون پُراڻي ماڳ ڏي آيس وري
ڳوٺ ۾ جو يار رهندا سڀ هُئا

پاڻ بس ٿورا هُئاسين هِن طرف
سمنڊ جي ٻي پار رهندا سڀ هُئا

ٻيلهڙا ايندي‌ُون ڪٽي سُهڻيُون هُيُون
مُرڪندا ميهار رهندا سڀ هُئا

ٻُک پالي پيٽ ۾، ڀِٽ تي چڙهي
ڳائيندا ملهار رهَندا سڀ هُئا

ڏرتتيءَ ۾ ڪونہ ٻٽيا ڇانورو
هُونئن تہ ٻانهُن هار رهندا سڀ هُئا

چيٽ ۾ درياهہ اُڇارا مُون جيان
سانوڻيءَ ۾ تار رهندا سڀ هُئا

رنجشُون ڪيڏيُون هُيُون سروڻ سان
هر گهڙي تلوار رهندا سڀ هُئا.

5

اَنڌيري ۾ هَلجي نہ هَلجي ٻُڌا!!
هوائن کي جَهلجي نہ جهَلجي ٻُڌا!!

دلين جا دريچا کُلن ئي نٿا
اِهو سُور سَلجي نہ سَلجي ٻُڌا!!

اُماوس اکين ۾ لهڻ آ لڳي
سِتارن سان جَلجي نہ جَلجي ٻُڌا!!

هوا رنگ آئي اسان لئہ ڪٽي
هٿن تي پوءِ مَلجي نہ مَلجي ٻُڌا!!

اسان جي پُراڻي ڏُکن جي ڪٿا
اوهان ساڻ اَلجي نہ اَلجي ٻُڌا!!

اها دل! اوهان جنهن ۾ پلجو پيا
اُنهيءَ دل کي پَلجي نہ پَلجي ٻُڌا!!

# درياهه جي ڏانهن: ناپا جي اسٽيج تان پيش ٿيل ڊرامو ”جيون ڏارا“



11 مئي 2025ع تي نيشنل اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس (ناپا) جي ضياءُ محي الدين آڊيٽوريم ۾ ناميارې اديب عبدالقادر جوڻيجي جي انگريزي ناول ”دي ڊيڊ رور“ کي اسٽيج تي ناٽڪ جي رُوپ ۾ ”جيون ڏارا“ جي عنوان سان پيش ڪيو ويو. اهو غير معمولي ۽ ڏکيو ڪم ليکڪ ۽ هدايتڪار شاهنواز ڀٽيءَ سرانجام ڏنو. ڊرامي ”جيون ڏارا“ کان اڳ ساڳئي ئي ناپا جي پليٽ فارم تان 25 ۽ 26 مئي 2024ع تي يعني هڪ سال اڳ شاهنواز ڀٽيءَ عبدالقادر جوڻيجي جي ڊراما سيريئل ”ڇوٽي سي دنيا“ کي پڻ اسٽيج ناٽڪ طور ان ئي هنڌ تي پيش ڪيو هئو، جنهن کي تمام گھڻو ساراهيو ويو هئو. انهن ٻنهي اسٽيج ڊرامن جي وچ واري عرصي دوران 15 آڪٽوبر 2024ع تي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ ۾ عالمي ثقافتي ميلي جي موقعي تي سنڌ جي سِينگرافي سان اردو ڊرامو ’چِترائي‘ پڻ پيش ڪيو هئائين. اها هڪ ٽريجڪ ڪاميڊي ڪهاڻي هئي. ان کان سُتت ئي پوءِ هُن 25 ۽ 26 جنوري 2025ع تي اردوءَ جي معتبر ليکڪا جميله هاشميءَ جي منصور بن حسين الحلاج تي لکيل ناول ”دشت سوس“ کي پڻ اسٽيج ڊرامي جي رُوپ ۾ ڪراچيءَ جي آڊيئنس لاءِ پيش ڪيو هئو.

ان کان علاوه هيءُ لڳ ڀڳ هڪ ڏهاڪي کان مٿي عرصي تائين سنڌ جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ لطيف سائينءَ جي سُورمين جي داستانن کي ٿيٽر تي پيش ڪندو رهيو آهي. ننڍي ڪنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز جي منظوم ڊرامي ”ڀڳت سنگهه کي ڦاهي“ جهڙا ڊراما پيش ڪرڻ ٻه سندس ڪارنامو آهي. اهي سڀ اسٽيج ناٽڪ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيا ويا آهن. انهن ۾ اردو ناٽڪ ”دستڪ“، ”سَي نو“ ۽ ”چِترائي“ عورتن جي حقن ۽ آزادي تي لکيل اهي ڪهاڻيون هيون، جيڪي مستقبل ۾ پڻ پوئتي پيل معاشرن کي شعور جي لاٽ بخشڻ لاءِ ذهن سازيءَ جي اوزار طور هڪ اهم ميڊيم (ذريعو) ٿي سگهن ٿيون.

شاهنواز ڀٽيءَ عبدالقادر جوڻيجو صاحب جي انگريزي ناول ”دي ڊيڊ رور“ ( نابود ٿيل ندي) کي ڪهاڻيءَ جو ويس ڍڪائي، اسٽيج ناٽڪ تي پيش ڪري هڪ ئي وقت ٻه اهم ڪم ڪيا آهن: هڪ ته هن پاڻيءَ جي وسيلن تي سنڌ جي ڪيس کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي ۽ ٻيو ته دنيا کي عبدالقادر جوڻيجي جي ناول ”دي ڊيڊ رور“ جي مطالعي ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي. سو ايئن چئجي ته ناپا ڪراچيءَ ۾ جن سوين



طارق قريشي

ماڻهن اسٽيج ڊرامو ”جيون ڏارا“ ڏٺو ۽ انهن ۾ اڪثريت پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي هئي، جن ڊرامي جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ناول ”دي ڊيڊ رور“ جي دستيابيءَ بابت پڇيو پئي. اهي پڪ سان هاڻي اهو ناول خريد ڪري ان جو مطالعو ضرور ڪندا.

عبدالقادر جوڻيجو صاحب سنڌ جو اينٿروپولوجسٽ اديب هئو. سندس ڪالمن، خاڪن، مضمونن، ڪهاڻين توڙي ڊرامن کان سواءِ ٻين تحريرن ۾ انساني سماجن، انهن جي زندگي، عروج، زوال ۽ باقي رهجي وڃڻ جو مطالعو محسوس ٿيندو آهي. بيشڪ سندس ماسٽرس سماجيات ۾ ٿيل هئي، پر هُو اهڙو

**ڊرامي جي پيشڪار ۽ ليکڪ شاهنواز ڀٽيءَ عبدالقادر جوڻيجي جي ناول ”دي ڊيڊ رور“ کي هڪ ٿيٽر پلي طور تشڪيل ڏيندي فلئش بئڪ ٽيڪنيڪ جي مدد سان اسڪرپٽ کي انتهائي جامع ۽ مربوط انداز ۾ نان لِينئر نيريٽو ۾ آندو آهي، ۽ انجي اهڙي خوبصورت اُٽت ڪئي آهي، جو جڏهن اهو اسڪرپٽ اسٽيج تي پيش ٿيو ته هڪ مڪمل ناول جي لِينئر ڪهاڻيءَ فقط هڪ ڪلاڪ جي مختصر دورانئي ۾ اسٽيج ڊرامو ٺهجي وئي، جنهن سان نه رڳو ناول جي اصل ڪهاڻي ۽ ان جو مقصد ۽ پيغام ڏسندڙن تائين اثرائتي انداز ۾ پهتا، پر آڊيٽوريم ۾ موجود آڊيئنسز پڻ ناٽڪ ڏسندي آخر تائين مبهوت ۽ متحير رهيا.**

آرٽسٽ هئو، جنهن جي فطرت ۾ اهڙو مشاهدو ۽ مطالعو شامل هئو، جنهن جو عنوان ئي انسان هئو. گهڻ پڙهيو ماڻهو هئو، پنهنجي اظهار ۾ نهايت واضح هئو. ڪيس ڊراما ڪيتر ۾ اعليٰ ڪارڪردگيءَ تي 1989ع ۾ پهريون صدارتي اوارڊ، جڏهن ته 2008ع ۾ ٻيو صدارتي اوارڊ مليو. ٻن ڊرامن تي پي ٽي وي ايوارڊ پڻ مليس، جن ۾ ”ديوارين“ ۽ ”ڪاروان“ شامل آهن. ”سِيڙهيان“ پڻ سندس اهم سيريئل هئي.

عبدالقادر جوڻيجي صاحب سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي مسئلن، سنڌي ادب، اينٿراپالاجي، ڪرمنالاجي، سماجي نفسيات، ميڊيا، تعليم، ماحول ۽ عالمي ادب تي ڪيئي ڪالم ۽ ليک لکيا ڪيا، جيڪي پهرين اخبارن ۾ شايع ٿيا، پوءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپيا. ڪتابن جو وچور هن ريت آهي: واٽون راتيون رول (ڪهاڻيون: 1973ع)، (2) شڪليون (سنڌ جي شخصيتن تي خاڪا: 1979ع)، (3) ويندڙ وهي، لهندڙ سج





(ڪهاڻيون: 1984ع)، (4) وڏا اديب، وڏيون ڳالهيون (ترجمو: 1986ع)، (5) ايوريسٽ تي چڙهائي (ترجمو: 1987ع)، (6) ڪرسي (ادب، تعليم، ميڊيا ۽ ثقافتي ائنٽراپالاجيءَ بابت مضمون: 1998ع)، (7) چو، چا ۽ ڪيئن (ترجمو: 1999ع)، (8) خط ٻن اديبن جا (محمد. ابراهيم جويي ۽ عبدالقادر جوڻيجي جا خط: 1999ع)، (9) در در جا مسافر (ڪلچرل اينٿروپولوجي: 2001ع)، (10) وڻ وڻ جي ڪاتي (ترجمو: 2002ع)، (11) چا لکان؟ (تاريخي، سماجي، سياسي ۽ ادبي مضمون: 2007ع)، (12) ائين پيلا ڪيئن هوندو؟ (2010ع)، اداب اندر ۾ ويٺل جن ۽ پُوت (ترجمو)_ ۽ اهو ناول جنهن تي تمام گهڻ لکيو ويو آهي، يعني ”دي ڊيڊ رِور“ (نابود ٿيل ندي). هيءُ اهو ناول آهي، جنهن جي ڪهاڻيءَ کي شاهنواز پٽيءَ ”جيون ڌارا“ جي نالي سان تازو ناپا جي پليٽ فارم تان عام ڏسندڙن تائين پهچايو.

عام طور تي اسٽيج ناٽڪ ۾ فلئش بيڪ جي ٽيڪنيڪ کي گهٽ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌي يا اردو ۾ پيش ٿيندڙ اسٽيج ڊرامن ۾ تہ فلئش بيڪ بنهہ گهٽ يا نہ هجڻ جي برابر هوندا آهن. البت ويسٽرن اسٽيج ناٽڪن ۾ فلئش بئڪ جي استعمال تي ڪيترن ئي ليکڪن تجربا ڪيا آهن، جن ۾ آرٿر ملر جو اسٽيج ناٽڪ ”ڊيٿ آف اي سيلزمين،“ ولئمس ٽينيسي جو ناٽڪ ”گلاس مِناجري،“ يُوجين او نيئل جو ناٽڪ ”لانگ ڊيز جرني اِنٽُو نائيٽ،“ هيرلڊ پنٽر جو ناٽڪ ”بِٽريل“ ۽ آگسٽ ولسٽن جو ناٽڪ ”فينسز“ ذڪر جهڙا آهن. فلئش بيڪَ ذريعي ڪنهن ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ ماضيءَ جي ڪا يادگيري، واقعو، جذباتي گهرائي، ڪنهن قصي يا ڪردار جو پس منظر ڏيکاريو ويندو آهي. ساڳيءَ ريت فلئش فارورڊ ڪنهن جو خواب ڏسڻ، مستقبل بيني ڪرڻ يا ڪنهن امڪاني واقعي جي اڳڪٿي ڏيکارڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. سو هن ڊرامي ”جيون ڌارا“ جي نمايان خصوصيت اها آهي تہ هن جي ٻنهي عنصرن يعني اسڪرپٽ ۽ ايگزيڪيوشن ۾ اهڙي انداز ۾ پختگي رکي وئي هئي جو ڊرامي جي آخري لمحي تائين ڪهاڻيءَ جي پريزنٽ ٽائيم لائين ۽ فلئشِ بئڪ جي وچ ۾ هڪ گهرو تسلسل ۽ تعلق برقرار رهيو. ساڳئي وقت ڊرامي ۾ ينگ ٽُو اولڊ ۽ اولڊ ٽُو ينگ ڪئريڪٽرز کي ڏيکارڻ ۽ انهن جي آئڊنٽيڪل اپيئرنس قائم رکڻ پڻ هڪ انتهائي ڏکيو ڪم هئو، ڇاڪاڻ تہ انٽرٽينمينٽ جي ڪنهن ٻئي ميڊيم جهڙوڪ ٽيليوزن يا فلم ۾ فلئش بيڪ يا فلئش فارورڊ ناهڻ بنهہ سولو هوندو آهي، پر اسٽيج ناٽڪ ۾ اهو انڪري تمام ڏکيو هوندو آهي جو اتي ڪنهن رِي ٽيڪ ڪرڻ جي گنجائش ناهي هوندي.

برٽش راڄ جي دور جي هن داستان ”جيون ڌارا“ ۾ درياهن جي ڌانهن سموئيل آهي، جنهن ۾ هوائن وانگر آزاد ۽ بيپرواهہ ڇوڪري سُڪان جي زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پاڻيءَ بنا جيون بي رُوح پاسندو آهي. سندس اڙٻنگ ۽ ارڏائپ سان ڀريل جوانيءَ کان پيرسنيءَ جي سانجهہ تائين پکڙيل قصي ۾ هُن جي حيات جا ڪيئي مسحور ۽ محزون مرحلا ڏيکاريا ويا آهن. هُوءَ جانُوءَ سان سنيهہ جي سڳي ۾ ٻڌجي وڃي ٿي. ريگستان جي ڪوهن کي سُڪي ٺوٺ ٿيندي ڏسي، جانُوءَ کي رڻ پٽ ڇڏي ڪنهن آباد ايراضيءَ ۾ هلي رهڻ لاءِ زور ڀري ٿي. جانُو ڪيس هڪ اصيل ڍاٽڻ ڏاچيءَ تي چاڙهي بيراجي علائقي ڏانهن نڪري ٿو، جتي هُو ٻئي هڪ ديالُو انسان انبا رام جي مدد سان آشيانو جوڙين ٿا. پوءِ وهانءُ ڪري اتي ئي زندگي گذارين ٿا. گذر سفر لاءِ ڳئون چارين ٿا ۽ اُٺ پالين ٿا. انگريز سرڪار ڌاڙيلن ۽ بدامني پکيڙيندڙن کان بچاءَ لاءِ لائسنس وارا هٿيار ڏئي ٿي. سُڪان جانوءَ تي زور ڀري بندوق وٺي ٿي. ڳوٺ تي ڌاڙيلن جي چڙهائيءَ جي موقعي تي فائرنگ ڪري ٻن ڌاڙيلن کي ماري وجهي ٿي. ڳوٺاڻن جي سفارش تي انگريز سرڪار ان ڪارنامي سبب ڳوٺ جو نالو ”سُڪان ڳوٺ“ رکڻ جو اعلان ڪري ٿي ۽ اهڙي سند بہ جاري ڪري ٿي.

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ انگريز سرڪار مقامي ماڻهن کي زرعي اصلاحن سبب زمينون الاٽ ڪيون. سُڪان پڻ سرڪار کان زمين جو ٽڪرو ورتو. ٻين ڳوٺاڻن کي بہ همٿايو تہ اهي بہ زمين وٺن ۽ پوکون ڪن. اهڙيءَ ريت اڳتي هلي سُڪان ۽ جانُوءَ جو جيون علائقي جي زرخيزي ۽ امن امان سبب سائو ستابو ٿيو. جُوءَ سڄي جرڪندي هئي ۽ سُڪان ۽ جانُو خوشين ڀري زندگي گذاريندا هئا. انگريز راڄ ختم ٿي ويو. اقتدار ۽ اختيار ديسي گورن جي حوالي ٿيو. قدرتي وسيلن جي ورڇ ۾ ونگ ۽ وڪڙ پئجي ويا. درياهن کي بند پيا، وهڪرن جا رُخ موڙيا ويا، جَر سُڪندا ويا ۽ ساوڪ ۽ سُڪاريل ڏيهہ ويران بيابان ٿي ويو. سورڳ جو جيرو جلي ويو، سرسبز خطي کي سائي ٿي پئي. پڇاڙِيءَ ۾ سُڪان ۽ جانُو پيرسن ٿي ويا ۽ سندن مُلڪ هڪ مرگهسٽل بڻجي چڪو هئو. ڊرامي ۾ سُڪان جي هن ڊائلاگ جي مصداق تہ، ”آئون صحرا کي ڇڏي آئي هئس، پر صحرا مونکي نہ ٿو ڇڏي.“ پُر مسرت ڪهاڻيءَ ۾ درد ڪاهي پيو.



ڊرامي جي پيشڪار ۽ ليکڪ شاهنواز ڀٽيءَ عبدالقادر جوڻيجي جي ناول ”دي ڊيڊ رور“ کي هڪ ٿيئٽر پلي طور تشڪيل ڏيندي فلئش بئڪ ٽيڪنيڪ جي مدد سان اسڪرپٽ کي انتهائي جامع ۽ مربوط انداز ۾ نان لِينئر نيريٽو ۾ آندو آهي، ۽ انجي اهڙي خوبصورت اُڻت ڪئي آهي، جو جڏهن اهو اسڪرپٽ اسٽيج تي پيش ٿيو تہ هڪ مڪمل ناول جي لِينئر ڪهاڻيءَ فقط هڪ ڪلاڪ جي مختصر دورانئي ۾ اسٽيج ڊرامو بڻجي وئي، جنهن سان نہ رڳو ناول جي اصل ڪهاڻي ۽ ان جو مقصد ۽ پيغام ڏسندڙن تائين اثرائتي انداز ۾ پهتا، پر آڊيٽوريم ۾ موجود آڊيئنسز پڻ ناٽڪ ڏسندي آخر تائين مبهوت ۽ متحير رهيا.

ڊرامي ”جيون ڌارا“ جي ٽيم ۾ شامل پرفارمرس ۽ آرٽسٽس جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي، جن ٻن هفتن کان هن پلي جي ريهرسل ۽ ٻين انتظامن تي محنت ڪئي هئي. اداڪارن پنهنجي پنهنجي ڪردارن سان خوب نڀايو. سُڪان ۽ جانُوءَ جي ينگ ڪردارن کي طوبيٰ نعيمءِ مطيع مختلف ادا ڪيو. اولڊ ڪيريڪٽرس کي ياسمين عثمان ۽ زبير بلوچ ادا ڪيو. انبارام جو ڪردار اميد اختر ۽ نڪاح پڙهائيندڙ مُلان جو مختصر ڪردار علي بخش پرفارم ڪيو، جيڪو هن ٽيم جو پراڊڪشن اسسٽنٽ پڻ آهي.

شاهنواز ڀٽي جي لکيل ۽ اسٽيج ڪيل ڊرامن دوران ٽيم جو مستقل حصو رهندڙن ۾ ڪاسٽيوم ڊزائنر ارم بشير، ايسوسيئيٽ ڊائريڪٽر فراز چوٽاڻي ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ساجد ڀٽي شامل هوندا آهن. شاهنواز ڀٽيءَ جو ناهيل اهو اسٽيج پلي ”جيون ڌارا“ سنڌو درياهہ جي سوڪهڙي جو نوحو آهي، يا ايئن چئجي تہ سنڌوءَ سميت دنيا جي سمورين ندين جو ڪيس آهي. هن وقت سنڌ جي پاڻيءَ تي سنڌ ۾ جيڪا سجاڳيءَ جي لهر هلي رهي آهي، ان کي سگهارو ڪرڻ جي هڪ وِک شاهنواز ڀٽيءَ ۽ سندس ٽيم پڻ کنئي آهي، جنهن تي شاهنواز ڀٽي ۽ سمورو سٿ جس لهڻن ٿا. ناپا ڪراچي وقتائتي انداز ۾ هڪ تفريح ۽ ترغيب انگيز ناٽڪ پيش ڪري پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو آهي، ان اداري لاءِ پڻ واڌايون. ■



# هڪڙو نظم افشين ميمڻ لاءِ



شبير سومرو

رقص جڻ ڪو رزق
آهي
رزق، جيڪو عشق
ٿِي توکي مليو
ڪر، پلي تون رقص
ڪر
رقص آهي زندگي

زندگيءَ جي ونڊ ڪر
سنڌ کان اڳتي آهي تنهنجو سفر
اجا اڳتي گهڻو
ڪِٿ نہ ساهي ڪڻ سفر ۾
مُلڪَ ناهن منزلون تنهنجون
سو تون
ايشيا، يورپ، امريڪا ۽ افريقا کي



”سنڌو ڪنڊ“ کر
جسم جي هيءَ شاعري
ماترائون ۽ عروض
جي ٽا اونهي بحر ۾
ڪاهي وڃن
ناخدا جي ڪابہ محتاجي نہ ڪڻ
سِير ۾ ٻيڙي پلي ترندي وڃي...
ترندي وڃي
تون نہ اچ ساحل جي ويجهو
ٻيٽ ٻيٽاريون نيون
ڏيکار پئي.

افشين!
تون آن سنڌ جي سمبارا
تون ئي ”ميوز“ موهن جي دڙي جي
۽ ڪراچيءَ جي ڪويتا
رقص جي صورت ۾ جڻ
راڳ جو تون ياڳ آهين

ڪيرٿر جي سرد راتين ۾
وڏڙن جي ڪچهريءَ وچ تي
ٻير جي ڏنگرين جو ننڍڙو مچ آهين،
سنڌ جي اتهاس جو تون سچُ آهين. ■

# ڊاڪٽر مَهر خادم جي تحقيقي ڪم جو مختصر جائزو

ڊاڪٽر مهر خادم جي ايم فل جي مقالي جو عنوان ” تنوير عباسيءَ جي ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو“ هئو، جيڪو هن ڊاڪٽر مَلڪ نديم جي رهنمائي ۾ لکيو هو. ڊاڪٽرمهر خادم کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي، تہ هِن سِنڌ جِي بَرک شاعِر ۽ محقق، ڊاڪٽر تنوير عباسي کي جيئري ئي خراج تَحسين پيش ڪيو هو. هن سال 2013ع ۾ پي ايچ ڊي جِي ڊگري حاصلُ ڪَئي، ان جي مَقالي جو موضوع ”سَچل سَرمستَ جِي شاعريءَ ۾ اِنسان شناسيءَ واريون ڪيفيتون“ هئو.



صعيم علي پيلار

خاموشي، سچائي ۽ اورچائيءَ سان سنڌي ادب جي خدمت ڪندڙ اديبن مان ڊاڪٽر مهر خادم پڻ هِڪ آهِي. هيءُ هن وقت شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي. ٿوري عرصي ۾ 45 کان وڌيڪ اسڪالر، ڊاڪٽر مَهر خادم جي رهنمائيءَ ۾ ايم فل، ايم ايس ۽ پي ايچ ڊي جون ڊگريون حاصل ڪري چڪا آهن.

مهر خادم (اصل نالو رحيم بخش) جو جنم 10 سيپٽمبر 1965ع تي ضلعي شڪارپور تعلقي لکي غلام شاه جي ڳوٺ جيئو مهر ۾ ٿيو. سندس والد محمد شعبان مهر زمين جو سينو سنوارڻ سان گڏ مهر خادم جي اهڙي تہ پالنا ڪئي جو اج اُفق جو هڪ چمڪندڙ تارو ٿي بينو آهي.

ڊاڪٽر مهر خادم بنيادي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ سال 1990ع ۾ ايم اي اڪنامڪس ۾ ڪئي. علم، ساڃاه ۽ شعور جي پنڌ ۾ بنا رڪجڻ ۽ ٿڪجڻ جي اڳتي قدم وڌائيندي هن سال 1993ع ۾ ايم اي ( سنڌي ادب ) ۾ پهريون نمبر پڻ حاصل ڪري ڪئي. ان بعد هن شاه عبداللطيف يونيورسٽي مان ايم فل جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس مقالي جو عنوان ” تنوير عباسيءَ جي ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو“ هئو، جيڪو هن ڊاڪٽر مَلڪ نديم جي رهنمائي ۾ لکيو هو. ڊاڪٽرمهر خادم کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي، تہ هِن سِنڌ جِي بَرک شاعِر ۽ محققَ، ڊاڪٽر تنوير عباسي کي جيئري ئي خراج تَحسين پيش ڪيو، جيڪو هِڪ مثبت عَمل آهي. هن سال 2013ع ۾ پي ايچ ڊي جِي ڊگري حاصلُ ڪَئي. سَندس مَقالي جو موضوع ”سَچل سَرمستَ جِي شاعريءَ ۾ اِنسان شناسيءَ واريون ڪيفيتون“ هئو. اُن ٿيسز ۾ سِندس رهنما سِنڌ توڙي هندُ جو مَجيلُ لِسانياتِ جو ماهرُ ۽ گهڻ ٻوليائي عالمُ ڊاڪٽر غلام علي الانا هو. هِي موضوع سَچل سائينءَ جِي ڪلامَ کي سَمِجهڻ لاءِ اهُم نوعيتَ جو موضوع آهِي. ٿيسز ۾ ڊاڪٽر مهر خادم لکي ٿو تہ:

”سچل سرمست جي سوانح توڙي ڪلام متعلق بنيادي ڪم ڪندڙن ۾ آغا صوفي، علي اڪبر درازي، رڪي ٻائي، ميان محمد صادق فقير راڻيپوري ۽ محمد عثمان انصاري وغيره شامل آهن. بنيادي ماخذن جي منظرعام تي اچڻ کان پوءِ جديد اصولن جي روشنيءَ ۾ سائنسي انداز سان سچل سرمست جي سوانح ۽ ڪلام کي عام ڪندڙن ۾ جيٺمل پرسرام گلراجاڻي ، ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي، اينيميري شمل، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي وغيره سرفهرست آهن.“

ڊاڪٽر مهر خادم جي پي ايچ ڊي جي مقالي ۾ پنج باب ڏنل آهن. ان تحقيقي مقالي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مهاڳ سون تي سهاڳ مثل آهي. باب پهريون، باب ٽيون ۽ چوٿون ٿيسز جو ڳر آهن، جن ۾ انسان شناسي جي اهميت کي مختلف زاوين کان پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪيفيت ۽ ان سان انسان جو ڳانڍاپو ٻڌايو ويو آهي. 360 صفحن واري ان مقالي جي بنيادي ماخذ طور ڪم آيل ڪتابن ۾ مرزا علي قلي بيگ جو ترتيب ڏنل سنڌي ڪلام لاءِ ’رسالو ميان سچل فقير جو (جلد 2)، مولانا حڪيم محمد صادق راڻيپوري جو ترتيب ڏنل سرائيڪي ڪلام ’سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام‘، ڊاڪٽر مهر خادم جو مرتب ڪيل اردو ڪلام، ’سچل سرمست دا اردو ڪلام‘ ۽ قاضي علي اڪبر درازيءَ جو ترتيب ڏنل فارسي ڪلام ’ديوان آشڪار‘ شامل آهن.



ڊاڪٽر غلام علي الانا ان موضوع جي نواڻ ۽ انفراديت بابت لکي ٿو تہ :”منهنجي نظر ۾ سچل سائينءَ جي ڪلام جي حوالي سان ڪيل هيءَ تحقيق، هڪ لاجواب، معلوماتي ۽ معياري تحقيق آهي. مون کي اهو بہ چوڻو پوي ٿو تہ، سچل سائينءَ جي ڪلام جي سلسلي ۾ ڪيل هيءُ تحقيقي ڪم نہ فقط معياري آهي، پر، سچل سائين تہ خير، پر ڪنهن بہ پاڪستاني ٻوليءَ ۾، ڪنهن بہ صوفي يا جديد شاعر جي ڪلام جي باري ۾ هن تحقيق جهڙو ڪو بہ تحقيقي ڪم اجا تائين منهنجي نظر مان ڪو نہ نڪتو آهي.“

سنڌ ۽ هند جي عالمن سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام منجهان جزوي طور تي هڪَ هڪَ ڪيفيت بابت مقالا ۽ مضمون لکيا آهن، جهڙوڪ : ’انسان دوستي‘، ’مذهبي رواداري‘ ۽ ’وطن پرستي‘ وغيره، پر ڪنهن بہ اديب هن تحقيقي مقالي جيان جامع انداز ۾ ڀرپور نموني مڙني انساني ڪيفيتن تي ناهي لکيو. ان ڏس ۾ هي تحقيقي مقالو هڪ مثال طور ادبي حلقن ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائيندو.

باب پهرين ۾ سچل سرمست جو تاريخي پسمنظر جي عنوان سان سندن خانداني شجرو مستند حوالن سان ثابت ڪيل آهي. سچل سرمست جي وڏن جي احوال کي بيان ڪندي ڏکن، تڪليفن ۽ مشڪلاتن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ صاحبڏني فاروقي جو ٻيبي بصري واري ڳالهہ کي پڻ حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي. ان موضوع تي پهرين ڪنهن اديب ناهي لکيو.

باب ٻئي (انسان شناسي ۽ ان جو مطالعو) ۾ انساني نفسيات جو ڇيد ڪندي ڊاڪٽر مهر خادم لکي ٿو تہ: ”انسان شناسي دراصل انسان جي ڌار ڌار نفسياتي ڪيفيتن جي مطالعي کي چئبو آهي. انسان جا روپ، ڪردار ۽ ان جون نفسياتي ڪيفيتون جنهن نموني سان بدلجن ٿيون، انهن کي سمجهڻ سان ئي، انسان کي سمجهڻ سولو ٿئي ٿو.“

ڪيفيت اصل ۾ انسان جي نفيساتي مزاج جو هڪ عڪس آهي. ڪوبہ انسان لڳاتار هڪ ئي ڪيفيت ۾ زندگي نہ ٿو گذاري سگهي. معروضي حالتن پٽاندڙ سندس مزاج (ڪيفيت) تبديل ٿيندي رهي ٿي. هن باب ۾ انسان جي عادتن جو اڀياس ڪندي هر هڪ انساني عادت (ڪيفيت) کي چٽو ڪري ان جو احوال درج ڪيو ويو آهي. مثال طور: فڪر، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار، سونهن، پيار، نفرت، سڪ، انتظار، جوش، مايوسي، وڇوڙو ۽ صبر وغيره کي وڏي محنت سان پيش ڪيو ويو آهي. هي باب اصل ۾ ٽئين باب سان جڙيل آهي. ٽئين باب ۾ سچل سرمست جي ڪلام مان ظاهر ڪيل انيڪ ڪيفيتن (عادتن، مزاج) کي هن باب (چوٿين) ۾ سچل سرمست جي ڇهن ٻولين (سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي) ۾ ڪيل شاعري مان بيت ڳولهي انهن جي وضاحت ڪئي ويئي آهي.

ٿيسز جو باب چوٿون بنيادي اهميت رکي ٿو، جنهن ۾ سچل سرمست جي ڪلام مان اهڙا لفظ چونڊيا ويا آهن، جن جي عام فهم معنيٰ کان هٽي نئين ڪيفيت واري معنيٰ ڏنل آهي. پوري ٿيسز جو هي مشڪل ترين باب آهي.

ڊاڪٽر مهر خادم الڳ پسمنظر رکندڙ لفظن کي ججهي انگ ۾ بيان ڪيو آهي. مثال طور : (1) عين اليقين = اکين ڏٺو يقين. (2) محبت بخش مدام = هميشہ جي لاءِ بخشيل محبت. (3) اُتيرو = مغرور، هٺيلو. (4) بَڻُ = هار سينگار. (5) جوڻ = قالب، جسم، وغيره. الڳ پسمنظر وارن لفظن کي ڊاڪٽر صاحب الف بي وار بيان ڪيو آهي.

پنجين باب ۾ پوري ٿيسز جي نچوڙ کي جامع اختصار سان پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هر نقطو پنهنجي جوهر ۾ وڏو مفهوم رکي ٿو. ■

## ٽيڙو



زڪيہ چنہ

ڪٽي جڏهن هٿيار ٿو
پيار ۽ پريت کي
ڪري هُو تار تار ٿو

ڪٽي جڏهن هٿيار ٿو
لاچار زندگين لاءِ
ٿئي هُو خونخوار ٿو.

ڪٽي جڏهن هٿيار ٿو
منصور ۽ مجبور لاءِ
ٿي وڃي تلوار ٿو

ڪٽي جڏهن هٿيار ٿو
پنهنجي ئي تباهي جو
رستو ڪري هموار ٿو

ڪٽي جڏهن هٿيار ٿو
دل جي دل سان راهہ کي
ڪري هو ڌار ڌار ٿو ■

# پير حسام الدين راشديءَ جي گهراڻي جي هڪ محبوب فنڪار جي موڪلاڻي

صدر الدين راشدي سنڌ جو هڪ اهڙو فنڪار ثابت ٿيو، جنهن سان سموري سنڌ پيار ڪندي هئي. هن ننڍي عمر ۾ ئي راڳ جي دنيا ۾ تمام وڏي شهرت ماڻي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيائين. شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ شاهه عنايت جي عرس مبارڪن تي باقاعده شريڪ ٿي موسيقيءَ جي محفل سجائيندو هو. ڪيس سچل ايوارڊ پڻ ملي چڪو هو ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ، سَندون ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ملي چڪا هئا. هُو پنهنجي فن جو يگانو فنڪار هو، جنهن ۾ نياز، نوڙت، پيار، محبت ۽ ادب اخلاق جا مڻ موجود هئا. هُو مڪمل عوامي فنڪار هو. راڳ جي حوالي سان پوري سنڌ ۾ سندس وڏو ڏاڪو ڄميل هو.



امام راشدي

سنڌ جو راشدي خاندان علم، ادب، سياست ۽ ديني خدمتن سان گڏ موسيقيءَ جي شعبي ۾ پڻ اڳتي رهيو آهي. تصوف ۽ صوفيت جي ڦهلاءَ ۾ هن گهراڻي جون خدمتون مثالي آهن. راشدي خاندان جو چشم و چراغ ۽ موسيقيءَ جي دنيا ۾ تمام گهڻو مٺي آيري آيل نوجوان صوفي راڳي، سيد صدر الدين شاهه راشدي به پنهنجو مٽ پاڻ هو، جيڪو تازو لاڏاڻو ڪري ويو. صدر الدين شاهه راشدي صوفياڻي راڳ ۾ منفرد ۽ اعلىٰ مقام رکندڙ هو، جنهن ننڍڙي وهيءَ ۾ ئي راڳ جي دنيا ۾ پنهنجو وڏو نالو ڪمايو ۽ سموري سنڌ جو محبوب فنڪار بڻجي ويو هو. هن سنڌ ۽ پنجاب جي ڪيترين ئي درگاهن تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو هيو، جن ۾ درگاهه صوفي شاهه عنايت شهيد، صوفي سچل سرمست، صوفي رکيل شاهه (فتح پور)، خواجه غلام فريد (ڪوٽ مٺڻ)، بلهي شاهه (قصور)، بيدل بيڪس (روهڙي)، فقير نانڪ يوسف (اڳڙا)، روحل فقير (تاجپور) ۽ حمل فقير کان علاوه ننڍيون وڏيون درگاهون شامل هيون.

هي صوفي بزرگن جي عرس ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ انهن درگاهن جا گادي ڌڻي به ڪيس وڏي عزت ڏيندا هئا. هڪ طرف هُو جهوڪ شريف جي گادي نشين صاحب ڪريم جي ويجهو رهيو، ته ٻئي طرف درگاهه فتح پور (گنداواه بلوچستان) جي قريب رهيو ۽ پاڻ انهيءَ درگاهه جي سائين صادق علي شاهه رحه جو طالب به هو. انهيءَ نسبت سان اتي سندس اچڻ وڃڻ جو سلسلو به تمام گهڻو رهيو.

صدر الدين راشدي سنڌ جو هڪ اهڙو فنڪار ثابت ٿيو، جنهن سان سموري سنڌ پيار ڪندي هئي. هن ننڍي عمر ۾ ئي راڳ جي دنيا ۾ تمام وڏي شهرت ماڻي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيائين. شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ شاهه عنايت جي عرس مبارڪن تي باقاعده شريڪ ٿي موسيقيءَ جي محفل سجائيندو هو. ڪيس سچل ايوارڊ پڻ ملي چڪو هو ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ، سَندون ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ملي چڪا هئا. هُو پنهنجي فن جو يگانو فنڪار هو، جنهن ۾ نياز، نوڙت، پيار، محبت ۽ ادب اخلاق جا مڻ موجود هئا. هر ڪنهن سان مُرڪي ملڻ، ٻانهون ٻڌڻ ۽ جُهڪي ملڻ سندس خاص خوبين ۾ شامل هو.

صدر الدين راشديءَ هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي دوران راڳ ڏي لاڙو رکيو ۽ اسڪول جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. سندس والد شاهه محمد شاهه راشدي مرحوم به الغوزو، چنگ ۽ بينجو خوب وڄائيندو هو ۽ راڳ ويراڳ جو شوق رکندو هو. صدر الدين شاهه ننڍڙي عمر ۾ ئي شهرت جي بلندين تي پهچي چڪو هو ۽ سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر به پاڻ مڃرائي چڪو هو. شروعات ۾ هُن مقامي فنڪار پسند علي گوپانگ کان ڏاڍو ٻڌرائي فن جي دنيا ۾ باقاعده پير پاتو ۽ اڳتي هلي صوفي فنڪار فقير منور علي ابڙو سان سلهاڙجي ويو، جنهن ڪيس راڳ جي سکيا ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. بعد ۾ ٻئي گڏجي ڳائڻ لڳا. سندن سُنگ مشهور ٿيو، پر وڏيڪ پذيرائي صدرالدين شاهه کي ملڻ لڳي. صدر الدين راشديءَ سنڌ جي سيني صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائڻ سان گڏ جديد شاعرن کي پڻ گهڻو ڳايو هو. شاهه لطيف، سچل سرمست، بيدل بيڪس، بلهي شاهه، خواجه غلام فريد، صوفي رکيل شاهه، چيزل شاهه، اعجاز راشدي، حمل فقير، راضي فقير، روحل فقير ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام ڳائيندو رهيو.



جنم: 4 آڪٽوبر 1984 ع
لاڏاڻو: 16 مئي 2025



اهڙي طرح جديد شاعرن ۾ شيخ اياز، آڪاش انصاري، عبدالغفار تبسم، منظور منگي ۽ ٻين شاعرن کي ڳائيندو رهيو. هُو هڪ ذهين ترين فنڪار هو، جنهن کي لطيف، سچل، بيدل بيڪس، ڪبير ۽ اعجاز سائين جو ڪلام تمام گهڻو ياد هو. بيدل سائينءَ جو 151 بيتن وارو "وحدت نامو" سڄو ياد هئس. اهڙي طرح اعجاز راشديءَ جو سڄو رسالو به ياد هيس. ڪبير جو چاڻو ۽ قلندر جو فارسي ڪلام پڻ ياد هيس. روميءَ جا بيت به گهڻا ياد رهيس. پاڻ سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڳائيندو هو. اسلام آباد ۾ لوڪ ورثا جي پروگرامن ۾ به شريڪ ٿيو. ساهيوال، ملتان، ڪوٽ مٺڻ، سبي، ڀاڳناڙي، فتح پور، گنداواه، حب چوڪي، زيارت، اوستا محمد ۽ ٻين شهرن ۾ راڳ ڳائيندو رهندو هو. هو شادين مرادين، ميلن ملاڪڙن، نجي محفلن، يونيورسٽين ۽ سياسي جلسن وغيره ۾ تمام گهڻو شريڪ ٿيندو هو ۽ ڳائي خوب داد حاصل ڪندو هو.

سندس راڳ ۽ سُر ۾ اهڙو سوز ۽ سُرور سمايل هو جو هر مڪتبهٴ فڪر جا ماڻهو سندس راڳ وڏي شوق ۽ چاهه سان ٻڌندا هئا. سندس جوش ۽ جذبي سان ڀرپور راڳ تي ماڻهو نچندا هئا. سندس وڏي خوبي اها هئي ته هو ماحول کي نظر ۾ رکي ڳائيندو هو. هي هڪ اهڙو سُريلو راڳي هو، جنهن کي ٻڌڻ لاءِ ماڻهو پري پري کان ڪهي ايندا هئا. هو عام ۽ خاص ماڻهن ۾ وڏو پاپولر هو. سيني سان ٻانهن ٻڌڻ واري واٽ هيس. پاڻ نهايت سخي نوجوان هو. ڪيس پئسن ڏوڪڙن جي ڪا به لالچ نه هئي. ڪٿي ڪٿي ته مفت ۾ ڳائي ايندو هو. ڪيترن ئي شادين مرادين تي گهرن ۾ وڃي عورتن جي وچ ۾ ويهي ڳائيندو هو ۽ اهي جهُمريون هڻنديون هيون. پاڻ باجو ۽ دهل وڄائڻ جو ماهر هو. هن ننڍڙي عمر ۾ جيڪا شهرت حاصل ڪئي ان ۾ سندس محنت ۽ محبت شامل هئي.

صدر الدين شاهه جي شهرت جا به وڏا سبب هي هئا: هڪ راڳ ۽ ٻيو راشدي خاندان. پاڻ نهايت غريب گهراڻي جو فرد هو. سندس جنم 4 آڪٽوبر 1984 ع تي پير ڳوٺ (نئون ديرو) ۾ ٿيو. پرائمري تعليم ڳوٺ مان پرائي. نئون ديرو هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ۽ انٽر ڪيائين. بعد ۾ راڳ سان چاهه وڌڻ ۽ پذيرائي ملڻ جي ڪري تعليم کي اڳتي وڌائي نه سگهيو. سندس گهراڻو علم ۽ ادب وارو هو، هن جو ۽ سندس ناناڻن جو تعلق پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي جي خاندان سان هئو. سندس ئي خاندان ۾ ذوالفقار راشدي جهڙيون علمي ۽ ادبي شخصيتون موجود هيون. پڙهيل ڳڙهيل ۽ نهايت سلجهيل راڳي هو. ڪيس مطالعي جو به وڏو شوق هو. هن نوجوان راڳيءَ سان سنڌ جا هڙئي فنڪار پيار ڪندا هئا ۽ شوق سان سندس راڳ به ٻڌندا ته ڪيس داد به ڏيندا هئا. هو موجوده نون توڙي پراڻن صوفي راڳين واري سَٽ جي سرواڻن ۾ شامل هو. سندس ڪلام جهر جهنگ پيا وڄندا هئا. هُو مڪمل عوامي فنڪار هو. راڳ جي حوالي سان پوري سنڌ ۾ سندس وڏو ڏاڪو ڄميل هو.

سندس وڃڻ جي وهي ڪا نه هئي، پر موت جو وقت مقرر آهي. پاڻ 16 مئي 2024 ع تي بيماريءَ جي بستري داخل ٿيو ۽ ٺيڪ هڪ سال بعد 16 مئي 2025 ع تي هن دنيا مان موڪلائي ويو. هن جي جُدائي تي هر اک آلي آهي ۽ سنڌ ڏکايل آهي. خدا جون مٿس رحمتون هجن. ■

Deaf President Now

# گالوڊيٽ يونيورسٽيءَ جي ٻوڙن شاگردن جي جدوجهد بابت فلم

مارچ 1988 ۾ واشنگٽن ڊي سي جي گالوڊيٽ يونيورسٽيءَ جي شاگردن پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ هڪ زبردست احتجاج ڪيو هو. احتجاج 6 مارچ 1988 تي شروع ٿيو، جڏهن بورڊ آف ٽرسٽيز پنهنجو فيصلو ٻڌايو ته، هڪ ٻڌندڙ اميدوار، الزبٿ زينسر، کي يونيورسٽي جو ستون صدر مقرر ڪيو ويندو، جڏهن ته ٻين ٻوڙن اميدوارن، ارونگ ڪنگ جورڊن ۽ هاروي ڪارسن کي نظرانداز ڪيو ويو.

گالوڊيٽ جا شاگرد، جن کي ڪيترن ئي گريجوئيٽس، اسٽاف ۽ فيڪلٽيءَ جي حمايت حاصل هئي، ڪيمپس کي بند ڪري ڇڏيو. احتجاج ڪندڙن دروازن تي رنڊڪون لڳايون، علامتي پتلن کي ساڙيو ۽ پريس کي انٽرويو ڏنا، جن ۾ بورڊ کان اهم مطالبا ڪيا ويا.





احتجاج 13 مارچ 1988 تي ختم ٿيو، جڏهن سندن سڀ مطالبا پورا ڪيا ويا، جن ۾ هڪ ٻوڙي شخص، آءِ ڪنگ جورڊن کي يونيورسٽيءَ جو صدر مقرر ڪرڻ شامل هو.

انهي واقعي جي آڌار تي هڪ دستاويزي فلم "ڊيف پريزيڊنٽ نائو" تيار ڪئي وئي آهي؛ جنهن جا هدايتڪار ڊيوس گگن هائيم ۽ نائل ڊي مارڪو آهن. اها فلم 1988ع جي گيليٽ يونيورسٽيءَ جي احتجاج جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ٻوڙا شاگرد بورڊ پاران هڪ ٻڌندڙ اميدوار، الزبٿ زنسر، کي قابل ٻوڙن اميدوارن تي ترجيح ڏيڻ کان پوءِ ٻوڙي صدر جي مقرري جو مطالبو ڪن ٿا. فلم چئن شاگردن: جيري ڪويل، برجيٽا بورن_فرل، ٽم رارس ۽ گريگ هليبوڪ تي مرڪوز آهي، جن هڪ هفتي جي احتجاج جي اڳواڻي ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ زنسر استعفيٰ ڏني ۽ ڊاڪٽر آءِ ڪنگ جارڊن کي




گيليٽ جو پهريون ٻوڙو صدر مقرر ڪيو ويو. اهو هڪ اهم شهري حقن جو لمحو هو، جنهن آمريڪن معذوري ايڪٽ لاءِ رستو هموار ڪيو.

هيءَ فلم جديد ٽيڪنڪس جهڙوڪ سب ٽائيٽلز، زباني بيان، ۽ "ٻوڙي نقط نظر" جو استعمال ڪري ٿي، ته جيئن ناظرين کي ٻوڙن جي تجربي سان هم آهنگ ڪري سگهجي. ان سان گڏ اها آرڪائيول فوٽيج ۽ ڊرامائي پيشڪش ذريعي سچائي کي ترجيح ڏئي ٿي. اها شاگردن جي سمعي تعصب ۽ سماجي تعصبن جي خلاف بغاوت کي اجاگر ڪري ٿي، خاص طور تي بورڊ جي چيئر، جين بيسٽ اسپلمن، کي پراڻن خيالن جي علامت طور پيش ڪري ٿي. فلم دلچسپ ڪهاڻي، جذباتي گنڀيرتا، ۽ رسمي جدت جي ڪري ساراهه حاصل ڪئي آهي، جيڪا ان کي معلوماتي ۽ متاثر ڪندڙ بڻائي ٿي. ■

---

## سماجي ۽ فلمي ڪردار

# بنگلاديشي اداڪاره، ماڊل ۽ ماحولياتي ڪارڪن ميگهنا عالم

ذاڪر لغاري

بنگلاديش جي عوام جي دلين ۾ ميگهنا درياهه جو نالو محبت، قرباني ۽ آجپي جي نغمن سان ڳنڍيل آهي. هن ملڪ ۾ هڪ ٻي اهڙي به ميگهنا موجود آهي، جنهن جو سفر ڪڏهن به آسان نه رهيو آهي. سماجي رڪاوٽن باوجود هوءَ اڳتي وڌندي رهي ٿي، هلندي رهي ٿي، وقت جي سختين سان ٽڪرائيندي پنهنجي راهه پاڻ ٺاهيندي.

پنهنجي خوبصورتي، سچائي ۽ سماجي سرگرمين جي ڪري ميگهنا عالم نوجوانن لاءِ هڪ مثالي شخصيت بڻجي ان وقت شهرت جي بلندين تي پهتي، جنهن وقت کيس حسين ترين هجڻ جو اعزاز مليو. هن نه رڳو ماڊلنگ جي دنيا ۾ قدم کنيا آهن، پر سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش به ڪئي آهي. دلير ۽ روشن ذهن ميگهنا عالم پنهنجي حقن لاءِ بيباڪ نموني آواز بلند ڪندي رهي ٿي. هوءَ اظهار جي آزادي سان گڏ عورتن جي آزادي ۽ سماجي انصاف تي پختو يقين رکي ٿي. سندس ذاتي زندگيءَ جا تجربا سندس سماجي موقف کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا.ميگهنا عالم جي زندگي صرف شهرت نه، پر جدوجهد، ايمانداري ۽ حوصلي جو داستان آهي.

هوءَ نه رڳو بنگلاديش جي هڪ ماڊل، اداڪاره ۽ ماحولياتي ڪارڪن آهي، پر "مس بنگلاديش فائونڊيشن" جي چيئرپرسن پڻ آهي، جيڪا سماجي ڀلائيءَ جي منصوبن سان لاڳاپيل آهي. هن "ايڪوٽرو فائونڊيشن" (Ekottro Foundation)نالي هڪ غير سرڪاري تنظيم جو بنياد رکي عورتن جي حقن، تعليم ۽ ماحولياتي تحفظ توڙي نوجوانن کي سماجي تبديلي لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ ليڊرشپ تربيتي ڪورس تيار شروع ڪيو، پر ان مقصد جي حاصلات لاءِ هيءَ عورتن جي خودمختياري ۽ تعليم سان گڏ سياسي، سماجي ۽ ماحولياتي شعور وڌائڻ لاءِ تحريڪ پڻ هلائي ٿي. سندس چوڻ آهي ته، عورتن جي آواز کي رڳو ورنائڻ نه پر احترام سان گڏ تحفظ ڏيڻ به ضروري آهي.

سماجي اڳواڻ بدرل عالم جي ڌيءَ ۽ ناليواري وڪيل تحرين جرين جي ڀيڻ ميگهنا هڪ وچولي گهراڻي سان تعلق رکي ٿي. سندس والدين هميشه عورتن جي ترقي ۽ تعليم کي ترجيح پئي ڏني، جنهن ڪري ميگهنا به ننڍپڻ کان ئي علم ۽ شعور ڏانهن لاڙو رکڻ لڳي، ان ڪري ئي هوءَ اسڪول جي ڏينهن کان ئي فيشن، سماجي ڪمن ۽ ماحولياتي مسئلن سان جذباتي لڳاءُ رکندي هئي. هن هڪ نجي تعليمي اداري مان شروعاتي ۽ وچولي تعليم حاصل ڪئي. هوءَ ننڍپڻ کان ئي ذهين، پرجوش، ۽ تخليقي خيالن واري رهي آهي. سوشيالاجي ۽ انساني حقن سان لاڳاپيل مضمونن ۾ دلچسپي رکي ٿي. گڏوگڏ ماحولياتي سائنس ۽ سوشل اسٽڊيز ۾ گريجوئيشن به ڪري چڪي آهي

هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ماڊلنگ سان ڪئي ۽ جلد ئي خوبصورتيءَ جي مقابلي ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيائين. هن 2019ع ۾ "مس يونيورس بنگلاديش" ۾ حصو ورتو ۽ 2020ع ۾ "مس ارٿ بنگلاديش" جو خطاب ماڻيائين، جيڪو ماحولياتي شعور جي ميدان ۾ وڏي سچاڻپ رکي ٿو. کيس خدمتن عيوض "نوبيل سٽيزن ايوارڊ" توڙي 2024 ۾ "گلوبل اسٽار ايوارڊ" سان پڻ نوازيو ويو. اپريل 2025 ۾ بنگلاديش جي خاص اختيارن واري قانون (Special Powers Act)تحت کيس گرفتار به ڪيو ويو هئو. پوليس طرفان مٿس الزام لڳايو ويو هئو ته هن اهڙي قسم جا بيان ڏنا آهن، جيڪي ٻن ملڪن يعني سعودي عرب ۽ بنگلاديش وچ ۾ سفارتي لاڳاپن کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. گرفتاري کان اڳ ميگهنا دعويٰ ڪئي هئي ته هن جو سعودي عرب جي هڪ سفير سان ذاتي لاڳاپن جي ڳالهه ڪئي هئي. سندس چوڻ آهي ته منهنجا دشمن ئي مون کي اهڙي سگهه ڏئي ڇڏين ٿا، جن سان آئون انهن کي شڪست ڏئي سگهان ٿي. بغير جستجو جي موقعا ۽ ثبوت پاڻمرادو مون وٽ اچي وڃن ٿا.



ميگهنا عالم پنهنجي ذاتي زندگي بابت گهڻو کلي ڳالهائڻ پسند نٿي ڪري. هوءَ گهڻو ڪري پنهنجي سماجي خدمتن، پيشوراڻي زندگي ۽ عورتن جي حقن وارين سرگرمين تي ڌيان ڏئي ٿي. هن هميشه اهو موقف اختيار ڪيو آهي ته عورتن کي سندن شخصي فيصلا ڪرڻ جو مڪمل حق هجڻ گهرجي، جنهن ۾ شادي به شامل آهي.

عورتازاد بابت پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ هن ميڊيا وارن کي چيو هو ته، "اهان مون کي فيمنسٽ چئي سگهو ٿا يا مردن کان نفرت ڪندڙ به، پر حقيقت ۾ مان انهن مردن کي تمام سٺي نموني ريسپانس ڏيندي آهيان، جيڪي مون سان احترام سان پيش ايندا آهن. مونکي اهو عجيب لڳندو آهي، جڏهن ڪير منهنجي انا کي چيڙيندو آهي." ■